ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اربع 12 آگسٽ 2026ع 28 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وييهه   شمارو (357)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 12th August 2026
Daily Ibrat Karachi
سال (18) اربع 12 آگسٽ 2026ع 28 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وييهه شمارو (320)

پي ٽي آءِ جي تشدد واري سياست جو مقصد ملڪ ۾ ان کي تباهه ڪرڻ ۽ ترقي جو رستو روڪڻ آهي: وفاقي حڪومت

تشدد جي سياست پي ٽي آءِ جو شيوو بڻجي چڪي آهي، پي ٽي آءِ پرامن احتجاج تي يقين نه ٿي رکي، راولپنڊي فائرنگ واقعي پي ٽي آءِ جي ڪڏي ايجنڊا ۽ ارادا بي نقاب ڪري ڇڏيا

راولپنڊي مال روڊ تي پيش ايندڙ واقعو مذمت جوڳو آهي، راولپنڊي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪن پاران سيڪيورٽي اهلڪار تي فائرنگ جو ڪو جواز نه هو، پي ٽي آءِ پاران لانگ مارچ جي ڪال به ڏني وئي آهي

ان جي ماضي جا سمورا احتجاج رڪارڊ تي آهن جن ۾ ڪارڪن هٿيارن سان ليس آيا ۽ پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو، واضح ٿي ويو آهي ته تشدد پي ٽي آءِ جو نظريو آهي

تازو ئي مڪ گڏيل دفاعي معاهدو عمل ۾ آيو، پاڪستان کي عالمي سطح تي عزت ملي ٿي يا ملڪ لاءِ ڪا اهم اڳڀرائي ٿئي ٿي ته پي ٽي آءِ پاران احتجاج جو اعلان ڪيو وڃي ٿو: عطاءُ الله تارڙ

انشاءَ الله پاڪستان ترقي جو سفر جاري رکندو، ملڪي قيادت ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي، ۽ پاڪستان جي دشمن کي ناڪامي کي منهن ڏيڻو پوندو: وفاقي وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته تشدد جي سياست پي ٽي آءِ جو شيوو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

تيل اگهن ۾ روزانو ڦيرڦار ٿيڻ ناهي، پيٽروليم ڊيلرز جو حڪومت کي 72 ڪلاڪن جو الٽيميٽم

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ روزاني بنياد تي ٿيندڙ ڦيرڦار ڪاروبار کي متاثر ڪري رهي آهي: چيئرمين ملڪ خدا بخش

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اقليتي برادرين جا حق، مذهبي آزادي ۽ مساوي شهريت يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون: بلاول ڀٽو

پاڪستان هر مذهب سان تعلق رکندڙ شهري جو برابر وطن آهي اقليتن جون خدمتون ۽ قربانيون قومي تعمير جو اهم حصو آهن

سنڌ ۾ اقليتن جي عبادتگاهن، جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ 253 هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا

مذهب يا عقيدي جي بنياد تي فرق جي ڪا گنجائش ناهي، اقليتي برادرين کي قومي ترقي ۾ برابر جو شريڪ سمجهون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اقليتي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ سڀني مذهبي ماڻهن جو هٿ آهي: آصف ڀٽو زرداري

هي ترقي ۽ خوشحالي ۾ سمورن مذهبن سان تعلق رکندڙ شهرين جي خدمت ۽ ڪردار قدر جوڳو آهي

اقليتي عورتن کي به تعليم، روزگار ۽ عوامي زندگي ۾ ڀرپور شرڪت ۽ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن

پاڪستان پنهنجي سمورن شهرين لاءِ برابري، احترام ۽ هڪ جهڙن موقعن سان مسلسل ترقي طرف گامزن آهيان

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي ميمبر بي بي آصفه ڀٽو زرداري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايران سان جنگ شروع ٿيڻ جي تقريبن 20 ڏينهن بعد آمريڪا ڳالهين لاءِ منٿون ڪيون: ايران جي پرڏيهي وزير جي دعويٰ

ايران-آمريڪا ڀيهر امن ناهه جي ويجهو پهچي ويا، محسن نقوي اهم نياپو کڻي تهران پهتو، مفاهمت جو امڪان

ٻئي ملڪ ڪنهن امن معاهدي يا ڊيل جي ويجهو پهچي چڪا آهن، حالتون هڪ ڀيرو ڀيهر امن معاهدي جي حق ۾ سازگار ٿينديون نظر اچي رهيون آهن: وزير دفاع

ٻئي ملڪ ڪنهن امن معاهدي يا ڊيل جي ويجهو پهچي چڪا آهن، حالتون هڪ ڀيرو ڀيهر امن معاهدي جي حق ۾ سازگار ٿينديون نظر اچي رهيون آهن: وزير دفاع

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پنهنجي دوري دوران ايراني گهرو وزير سڪندر مومني سان ٻطرفن لاڳاپن ۽ ٻنهي ملڪن جي گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران-آمريڪا ڀيهر امن ناهه جي ويجهو پهچي ويا، محسن نقوي اهم نياپو کڻي تهران

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي صلاحڪار شام سندر آڏواڻي، ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد، ايڊووڪيٽ جهمٽ جيٺانند، گيانچند ايسراڻي ۽ ٻيا اقليتن جي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

مذهبي رواداري سنڌ جي ثقافت ۾ رچيل آهي، سڀني شهرين کي برابر حق ۽ موقعا ملڻ گهرجن: مراد علي شاهه

سنڌ صدين کان سڀني مذهبن جي ماڻهن جي گڏيل رهائش، احترام ۽ رواداري جي روايت تي فخر ڪري ٿي

اقليتي برادرين تعليم، صحت، ڪاروبار ۽ عوامي خدمت ۾ پاڪستان جي ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ميرٽ تي چونڊيل اقليتي اميدوارن کي ڪوٽا کان الڳ شمار ڪرڻ جي هدايت، مخصوص ڪوٽا جون سيٽون ٻين لاءِ بچايون وڃن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر مختلف هاءِ ڪورٽس ۾ ايڊيشنل ججن جي مقرري ۽ ڪجهه ايڊيشنل ججن جي توثيق جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مختلف هاءِ ڪورٽس ۾ ايڊيشنل ججن جي مقرري ۽ ڪجهه ايڊيشنل ججن جي توثيق جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. اڳاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر سنڌ هاءِ ڪورٽ، لاهور هاءِ ڪورٽ، پشاور هاءِ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري 5 سمرين ۽ بلن جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري 5 سمرين ۽ بلن جي منظوري ڏئي ڇڏي. اڳاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اقليتي برادري پاڪستان جي طاقت ۽ قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهن: شرجيل انعام ميمڻ

ڪرسمس هجي، ويساکي هجي يا ايسٽر، سنڌ جي سونهن مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي رنگن ۾ مجسم آهي

سنڌ حڪومت سدائين اقليتي برادرين جي آئيني، مذهبي، سماجي ۽ معاشي حقن جي تحفظ کي پنهنجي ذميواري سمجهيو آهي

حڪومت چاهي ٿي اقليتي نوجوان تعليم ۽ مهارت ذريعي قومي ۽ صوبائي ترقي ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ اقليتن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اقليتن جي ڏهاڙي جي موقعي تي ٿر جي ايڏي ماما وشن ٿري کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

حج 2027ع لاءِ 16 نومبر 2027ع تائين موثر پاڪستاني پاسپورٽ لازمي قرار

وقت سر پاسپورٽ جي تجديد نه ڪرائيندڙ ماڻهو حج درخواست کان محروم ٿي سگهن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وزارت حج 2027ع لاءِ 16 نومبر 2027ع تائين موثر پاڪستاني پاسپورٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي فائرنگ واقعو، پي ٽي آءِ عدالتي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

حقيقت کان اڳ ڪنهن سياسي جماعت يا ان جي ڪارڪنن کي ذميوار قرار نه ڏنو وڃي: پي ٽي آءِ

هڪ همراهه پستول سان سيڪيورٽي فورسز جي گشت ڪندڙ ٽيم مٿان فائرنگ ڪئي: پوليس ترجمان

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) راولپنڊي ۾ پيش آيل فائرنگ واري واقعي جي عدالتي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پنجگور ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، فتنه الهندوستان جا 5 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ دهشتگردن جي موجودگي بابت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

آپريشن ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگردن جي خاتمي تائين جاري رکيو ويندو: آءِ ايس پي آر

پنجگور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ ڳجهي اطلاع تي تيز رفتار ڪارروائي ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نامڪمل دستاويزن تي ڪنهن کي به جهاز جي سفر جي اجازت نه ڏني وڃي: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير لاهور علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو دورو ڪري اميگريشن پراسيس جو جائزو ورتو

هڪ مسافر ايجنٽ طرفان رقم وٺڻ جي شڪايت جو نوٽيس وٺندي معاملو ڊائريڪٽر ايف آءِ اي جي حوالي

لاهور (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ لاهور جو دورو ڪيو ۽ مسافرن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

قومي تعمير ۽ ترقي ۾ اقليتي برادرين جو ڪردار ناقابل فراموش آهي: ڪرم الله وقاصي

تعليم، صحت، علاج، واپار ۽ صنعت سميت مختلف شعبن ۾ اقليتن جون خدمتون فخر جو سبب آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت، سڃاڻپ ۽ آئيني حقن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: جام اڪرام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان سنڌس آفيس ۾ مختلف وفدن ملاقات

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 "روزاني عبرت"

پهتو مفاهمت جو امڪان. عباس عراقچي چيو آهي ته ايران سان جنگ شروع ٿيڻ جي تقريبن 20 ڏينهن بعد آمريڪا ڳالهين لاءِ منٿون ڪيون. بچاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران امن معاهدي يا ڪنهن ڊيل جي ويجهو پهچي ويا آهن. بلومبرگ کي ڏنل انٽرويو ۾ خواجا آصف چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي معاهدي يا مفاهمت جا امڪان وڌي ويا آهن. بچاءِ واري وزير موجب، گذريل هن ڪان ٽن ڏينهن دوران مثبت اشارا ڏٺائين ٿا ته ٻئي ملڪ ڪنهن امن معاهدي يا ڊيل جي ويجهو پهچي چڪا آهن. هن وڌيڪ چيو ته حالتون هڪ ڀيرو ٻيهر امن معاهدي جي حق ۾ سازگار ٿينديون نظر اچي رهيون آهن. ٻئي طرف گهرو وزير محسن نقوي ايراني اختيارين سان ملاقاتن لاءِ تهران پهچي ويو آهي، جتي ٻئي ملڪ ڪنهن امن معاهدي يا ڊيل جي ويجهو پهچي چڪا آهن. هن وڌيڪ چيو ته حالتون هڪ ڀيرو ٻيهر امن معاهدي جي حق ۾ سازگار ٿينديون نظر اچي رهيون آهن. محسن نقوي پنهنجي دوري دوران ايراني گهرو وزير سڪندر مومني سان ٻطرفن لاڳاپن ۽ ٻنهي ملڪن جي گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ايراني گهرو وزارت موجب ملاقات دوران پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ سهڪار سميت مختلف گڏيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻئي پاسي پاڪستاني گهرو کاتي جي هڪ اهلڪار برطانوي ميڊيا کي ٻڌايو ته محسن نقوي پاڪستاني حڪومت جو پيغام کڻي تهران ويو ۽ اهو دورو ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي بحالي لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جو حصو آهي ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي دعويٰ ڪئي آهي ته ايران سان جنگ شروع ٿيڻ جي تقريبن 20 ڏينهن بعد آمريڪا ڳالهين لاءِ منٿون ڪيون، ان ڪان اڳ تڪرار جي شروعاتي ڏينهن ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کان "بغير ڪنهن شرط جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ" جو مطالبو ڪيو هو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

مذهبي رواداري سنڌ جي ثقافت ۾ تمام گهٽي سمايل آهي جيڪا سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ مان وهي ٿي ۽ صوبي جي مٽيءَ ۾ جڙيل آهي جتي صدين کان سڀني مذهبن جا ماڻهو گڏجي باهمي احترام سان رهندا پيا اچن. آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ اقليتن جي قومي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل هڪ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وڏي وزير قائد اعظم محمد علي جناح جي بصيرت کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ سندس ان تاريخي پاليسي بيان کي ياد ڪيو جنهن ۾ هن اعلان ڪيو هو ته هندو هاڻي هندو نه رهندا ۽ مسلمان هاڻي مسلمان نه رهندا - مذهبي مفهوم ۾ نه پر سياسي مفهوم ۾ رياست جا برابر شهري هجڻ جي ناتي. مراد علي شاهه چيو ته جتي دنيا جا ڪيترائي حصا مذهبي اقليتن لاءِ برابر حقن ۽ آزادين کي يقيني بڻائڻ لاءِ اڃا تائين جدوجهد ڪري رهيا آهن اتي سنڌ پنهنجي شموليت، رواداري ۽ رچاءَ جي احترام جي قديم روايت تي فخر ڪري ٿي. سنڌ ۾ اقليتن جي سياسي اختيار کي نمايان ڪندي هن ياد ڏياريو ته نمايان اقليتي اڳواڻ جن ۾ ايم اين اي مهيش ڪمار ملاڻي، گيانچند ايسراڻي ۽ هري رام ڪشوري لال شامل آهن، عوام پاران سڌي ريت قانون ساز ادارن لاءِ چونڊيا ويا هئا جيڪو مذهبي سڃاڻپ کان مٿانهون ٿي عوامي اعتماد جو ثبوت آهي. وڏي وزير چيو ته انتهاپسند ۽ مذهبي طور تي تعصب پسند عنصرن ڪڏهن به سنڌ ۾ چونڊن ۾ قبوليت ناهي ماڻي جيڪا صوبي جي اعتدال پسند ۽ گهڻ-رخي ڪردار جي عڪاسي ڪري ٿي. پنهنجو ذاتي تجربو شيئر ڪندي مراد علي شاهه چيو ته اقليتي برادرين جي ماڻهن سندس تعليمي سفر کي سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ياد ڪيو ته هن پنهنجي ابتدائي تعليم حيدرآباد جي ايس ٽي بونا وينچر هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي جيڪو عيسائي برادري پاران قائم ڪيو ويو هو جنهن کانپوءِ ڪراچي جي ايس ٽي پيٽرڪ هاءِ اسڪول مان پڙهيس جيڪو پڻ عيسائين قائم ڪيو هو. هن بعد ۾ ڊي جي سائنس ڪاليج ۾ پڙهائي ڪئي جيڪو هندو برادريءَ جو قائم ڪيل هو ۽ اين اي ڊي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي جيڪا پارسي برادريءَ جي سهڪار سان قائم ٿي هئي. هن چيو ته ان طريقي سان هر اقليتي برادري منهنجي تعليم ۽ ذاتي تربيت ۾ حصو ورتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته تعليم، صحت، ڪاروبار ۽ عوامي خدمت جي شعبن ۾ اقليتن پاران ڪيل خدمتون پاڪستان جي ترقيءَ جو هڪ لازمي حصو آهن. پنهنجي حڪومت جي ميرٽ ۽ برابر موقعن جي عزم جو ذڪر ڪندي، وڏي وزير ميرپورخاص ۾ سنڌ پوليس ۾ ڀرتي جي هڪ عمل کي ياد ڪيو جتي اوپن ميرٽ تي چونڊيل اقليتي اميدوارن کي شروعاتي طور تي اقليتي ڪوٽا ۾ شمار ڪيو پئي ويو. هن چيو ته مون ذاتي طور تي مداخلت ڪئي ۽ هدايت ڪئي ته ميرٽ تي چونڊيل اميدوارن کي الڳ شمار ڪيو وڃي، ته جيئن مخصوص ڪوٽا جون سيٽون ٻين اهل اقليتي اميدوارن لاءِ موجود رهن. مراد علي شاهه اقليتن جي آئيني، سماجي ۽ اقتصادي حقن جي تحفظ ۽ هڪ اهڙي شموليت واري معاشري کي هٿي ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجايو جتي هر شهريءَ کي قانون تحت برابر موقعا ۽ تحفظ حاصل هجي. تقريب جي پڄاڻي تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن کيس مبارڪباد ۽ نيڪ تمنائون پيش ڪيون.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

ڪورٽ، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ ايڊيشنل ججن جي مقرري جي منظوري ڏني. صدر سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي ڪجهه ايڊيشنل ججن جي مستقل ججن طور توثيق جي به منظوري ڏني. هن سپريم ڪورٽ جي ججن جي پگهارن، الائونسز ۽ پينشن کي وفاقي آئيني عدالت جي ججن جي برابر ڪرڻ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن جي موڪلن، پينشن ۽ مراعات بابت 1997ع جي حڪم ۾ ترميمن جي به منظوري ڏني. صدر هارون اختر کي وزيراعظم جي صنعتن ۽ پيداوار بابت صلاحڪار طور مقرر ڪرڻ جي به منظوري ڏني.

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ونگ پاران جاري بيان موجب صدر جن سمرين ۽ بلن جي منظوري ڏني انهن ۾ ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ آف پاڪستان ترميمي بل 2026ع، مالياتي ادارن جي مالي رقم جي وصولي ترميمي بل 2026ع ۽ وفاقي بورڊ آف روينيو ترميمي بل 2026ع جي منظوري شامل آهي. صدر سيد علي محمود کي پاڪستان سول ايوارڊ عطا ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني. صدر اسلامي تعاون تنظيم جي ميمبر ملڪن جي بدعنوانيءَ جي خاتمي واري قانونن جي لاڳو ۾ تعاون بابت مڪه المڪرم ڪنوينشن جي توثيق جي منظوري پڻ ڏئي ڇڏي.

بقايا 5 "روزاني عبرت"

جي قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته قائداعظم محمد علي جناح جي پاڪستان ۾، هر شهري برابر آهي ۽ اقليتي برادري پاڪستان جي طاقت ۽ قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهن. هندو، عيسائي، سک، پارسي ۽ سڀئي اقليتي برادريون پاڪستان جو فخر آهن. ڏياري هجي، ڪرسمس هجي، ويساکي هجي يا ايسٽر سنڌ جي سونهن مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي رنگن ۾ مجسم آهي. هن چيو ته اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪنهن تي احسان نه پر هر پاڪستاني جو آئيني حق آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت سدائين اقليتي برادرين جي آئيني، مذهبي، سماجي ۽ معاشي حقن جي تحفظ کي پنهنجي ذميواري سمجهيو آهي. چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ حڪومت جو واضح موقف آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ سڀني شهرين کي برابر حق حاصل آهن. سنڌ ۾ مذهب يا عقيدي جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي فرق جي ڪا به گنجائش ناهي ۽ سنڌ حڪومت اقليتي برادري کي صوبي ۽ ملڪ جي ترقي جي سفر ۾ برابر جو ساٿي سمجهي ٿي. هن چيو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مذهبي ماڳن جي ڀلائي، تعليم، سماجي تحفظ ۽ تحفظ لاءِ ڪيترائي عملي قدم کنيا آهن. اقليتي برادري جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام جاري آهي، جڏهن ته 2020 کان 2025 تائين 6000 کان وڌيڪ اقليتي شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وئي. سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته اقليتي نوجوان تعليم ۽ مهارت ذريعي قومي ۽ صوبائي ترقي ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ڪن. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مستحق اقليتي خاندانن جي ڌيئرن جي شادي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان 25000 کان 50000 رپين جي امداد جو پروگرام پڻ آهي. صوبي ۾ حساس اقليتي مذهبي هنڌن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ 253 هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا آهن، جڏهن ته اقليتي عبادتگاهن جي مرمت، بحالي ۽ سار سنڀال لاءِ مختلف منصوبن تحت قدم پڻ کنيا ويا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضلعي سطح تي ڪميٽيون ۽ ڊويزنل سطح تي سهولت ڊيسڪ پڻ قائم ڪيون آهن. انهن قدمن جو مقصد مذهبي رواداري کي هٿي ڏيڻ، مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ شهرين جي وچ ۾ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ ۽ سماج ۾ پائيداري کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ آهي. هن چيو ته اقليتي شهرين جي قانوني حقن جي تحفظ لاءِ سنڌ هندو ميريج ايڪٽ ۾ ترميم سميت ٻيا قدم پڻ کنيا ويا آهن. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي، معيشت، تعليم، صحت، دفاع، ثقافت، فن ۽ ٻين شعبن ۾ اقليتي شهرين جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. هن ورجايو ته سنڌ حڪومت هڪ اهڙي سماج کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي جتي هر شهري، مذهب، عقيدي يا برادري کان سواءِ، برابر حق، احترام، سيڪيورٽي ۽ ترقي جا موقعا حاصل ڪري سگهي.

بقايا 6 "روزاني عبرت"

لازمي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. وقت سر پاسپورٽ جي تجديد نه ڪرائيندڙ ماڻهو حج درخواست کان محروم ٿي سگهن ٿا. مذهبي معاملن واري وزارت موجب 17 آگسٽ کان سرڪاري ۽ نجي حج درخواستن جي وصولي لاءِ موثر پاسپورٽ لازمي هوندو. مذهبي معاملن واري وزارت اڳ ئي حج 2027ع جي خواهشمند ماڻهن کي درخواست ڪري چڪي آهي ته پاسپورٽ جو مدو 16 نومبر 2027ع کان اڳ ختم ٿيڻ تي فوري تجديد ڪرائين. حج پاتيئڙن جي پاسپورٽ جي ترجيحي بنيادن تي تجديد جاري آهي. مذهبي معاملن واري وزارت جي درخواست تي پاسپورٽ آفيس کي حج پاتيئڙن کي ترجيح ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ لاڳاپيل عملدارن پاران ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ پاسپورٽ آفيس کي حج درخواستگذارن کي فوري سهولت فراهم ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا آهن. پاسپورٽ جي وقت سر تجديد نه ڪرائيندڙ حج 2027ع جي درخواست کان محروم ٿي سگهن ٿا. حج 2027ع جي رجسٽريشن کان اڳ پاسپورٽ جو مدو ضرور چيڪ ڪيو.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته حقيقتون سامهون اچڻ کان اڳ ڪنهن سياسي جماعت يا ان جي ڪارڪنن کي ذميوار قرار نه ڏنو وڃي. واضح رهي ته راولپنڊي پوليس جي ترجمان موجب، 11 لڳي 15 منٽن تي مال روڊ تي هڪ همراهه پستول سان سيڪيورٽي فورسز جي گشت ڪندڙ ٽيم مٿان فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو جڏهن ته حملو ڪندڙ جوابي فائرنگ ۾ مارجي ويو. سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پنهنجي وڊيو بيان ۾ الزام لڳايو هو ته سيڪيورٽي اهلڪار تي فائرنگ ڪندڙ شخص پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جو ڪارڪن هو. ان تي ردعمل ڏيندي پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته واقعي کان ترت پوءِ سياسي الزام لڳائڻ ۽ رڳو ڪجهه منٽن اندر پريس ڪانفرنس ذريعي هڪ مخصوص بيانئي کي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيترن ئي سنجيدا سوالن کي جنم ڏئي ٿي. بيان ۾ چيو ويو ته تحريڪ انصاف هڪ پرامن، آئيني ۽ جمهوري جدوجهد تي يقين رکندڙ سياسي جماعت آهي ۽ ڪنهن به واقعي کي سياسي مخالفن خلاف الزام بازي، ڪردارڪشي يا سياسي فائدي لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. پي ٽي آءِ مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جا مڪمل تفصيل، سي سي ٽي وي فوٽيج، موجود ثبوتن ۽ جاچ جا نتيجا عوام آڏو آندا وڃن.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

فتنه الهندوستان جي 5 دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ دهشتگردن جي موجودگي بابت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران 5 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته آپريشن ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد پراڪسيز جي خاتمي لاءِ جاري دهشتگردي خلاف مهم جو حصو هو. ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار، بارودي مواد ۽ ديسي ساخت جا بم هٿ ڪيا، جن کي موقعي تي ئي تباهه ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب، آپريشن ڪانپوءِ علائقي ۾ ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن جي ڪارروائي به ڪئي وئي، ته جيئن باقي موجود خطرن جو خاتمو يقيني بڻائي سگهجي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته وفاقي ايپڪس ڪميٽي فار نيشنل ايڪشن پلان جي منظور ڪيل ويزن "عزم استحڪام" تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان پرڏيهي سرپرستي ۽ سهڪار سان ٿيندڙ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪارروائيون پوري سگهه سان جاري رهنديون.

بقايا 9 "روزاني عبرت"

جي اميگريشن پراسيس جو جائزو ورتو. هن اميگريشن ڪائونٽرز جو معائنو ڪيو ۽ عملي سان اميگريشن جي عمل ۽ مسافرن کي فراهم ڪئي ويندڙ سهولتن جي باري ۾ معلوم ڪيو. وفاقي وزير اميگريشن جي منتظر مسافرن سان به ملاقات ڪئي ۽ انهن کان اميگريشن پراسيس ۾ لڳندڙ واري وقت جي باري ۾ پڇا ڪئي. مسافرن ٻڌايو ته اميگريشن جي عمل ۾ اٽڪل 30 منٽ لڳي رهيا آهن ۽ انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. گهرو وزير مسافرن جي شڪايت جو فوري نوٽيس وٺندي اميگريشن جي عمل کي تيزي ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ تي سمورن ڪائونٽرز کليا رکڻ جا حڪم جاري ڪيا. هن چيو ته ٻيا ڪائونٽرز به کليل هجڻ سان اميگريشن ۾ دير نه ٿيندي ۽ مسافرن کي وڌيڪ سهولت ميسر ٿيندي. گهرو وزير مسافرن کي خاطري ڪرائي ته اميگريشن جي عمل کي وڌيڪ تيز ۽ موثر بڻايو ويندو ۽ مسافرن کي غير ضروري انتظار کي منهن نه ڏيڻو پوندو. ان موقعي تي هڪ مسافر ايجنٽ طرفان رقم وٺڻ جي شڪايت به ڪئي. گهرو وزير شڪايت جو موقعي تي ئي نوٽيس وٺندي معاملو ڊائريڪٽر ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ لاڳاپيل ايجنٽ جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا. گهرو وزير ايف آءِ اي اختيارين کي هدايت ڪئي ته نامڪمل سفري دستاويزن تي ڪنهن کي سفر ڪرڻ جي اجازت هرگز نه ڏني وڃي، جڏهن ته مڪمل دستاويز رکڻ واري ڪنهن به مسافر کي سفر کان نه روڪيو وڃي. هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان اميگريشن جو عمل آسان ۽ تيزي ٿيو آهي، جڏهن ته جعلي دستاويزن تي سفر ڪندڙن خلاف پڪڙ وڌيڪ سخت ڪئي پئي وڃي. مڪمل سفري دستاويز رکندڙ مسافرن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي ويندي ۽ انهن کي بنا سبب ڊڪيائين کي منهن نه ڏيڻو پوندو.

بقايا 10 "روزاني عبرت"

ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي قومي اقليتي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته پاڪستان جي تعمير، ترقي، استحڪام ۽ قومي يڪجهتي ۾ اقليتي برادرين جو ڪردار ناقابل فراموش آهي. اقليتي برادرين سان تعلق رکندڙ شهرين قيام پاڪستان کان وٺي اڄ تائين تعليم، صحت، عدليه، سول سروسز، هٿياربند فوجن، واپار، صنعت ۽ ٻين شعبن ۾ قيمتي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جيڪي سڄي قوم لاءِ فخر جو باعث آهن. ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته 11 آگسٽ تي قومي اقليتي ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو صدر مملڪت آصف علي زرداري جي پهرين صدارتي دور دوران 2009ع ۾ ڪيو ويو هو جنهن جو مقصد اقليتي برادرين جي حقن جي تحفظ، برابري، مذهبي هم آهنگي ۽ قومي زندگي ۾ سندن موثر شرڪت جي عزم کي ورجائڻ هو. هن چيو ته صدر آصف علي زرداري پاران اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ کين قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ کنيل قدم ساراهه جوڳا آهن. سرڪاري نوڪرين ۾ اقليتن لاءِ 5 سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ غير مسلم شهرين لاءِ مخصوص سيٽون پڻ سندن سياسي نمائندگي ۽ قومي فيصلا سازي ۾ شرڪت کي يقيني بڻائين ٿيون. صدر مملڪت 11 آگسٽ 2025ع تي پڻ انهن قدمن کي اقليتن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ جي عملي ڪوشش جو حصو قرار ڏنو هو. پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو ته اقليتن لاءِ 5 سيڪڙو ملازمتن جو ڪوٽا رڳو انتظامي قدم نه، پر کين معاشي طور بااختيار بڻائڻ ۽ قومي ترقي جي عمل ۾ شامل ڪرڻ جي اهم ضمانت آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن ڪوٽا تي مڪمل، شفاف ۽ مؤثر انداز ۾ عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، جيئن اقليتي نوجوان پنهنجي صلاحيتن ۽ قابليتن موجب سرڪاري نوڪرين ۽ ٻين شعبن ۾ اڳتي وڌي سگهن. هن چيو ته سياسي ميدان ۾ اقليتن جي مؤثر شرڪت پڻ مضبوط جمهوري معاشري لاءِ بنيادي ضرورت آهي. پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ اقليتن لاءِ مخصوص سيٽون قومي ۽ صوبائي سطح تي سندن سياسي آواز کي مؤثر بڻائڻ جو اهم ذريعو آهن، جڏهن ته اقليتي شهرين کي عام سياسي عمل ۾ پڻ اڳتي وڌڻ ۽ قيادت جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجمان چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ويزن اهڙي پاڪستان جي قيام جو هو جتي سڀني شهرين کي مذهب، ٻولي، رنگ يا نسل جي بنياد تي ڪنهن به فرق ڪانسواءِ برابر حق حاصل هجن. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه آئين، جمهوريت، انساني حقن، مذهبي رواداري ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته ڪراچي سميت سڄي پاڪستان ۾ اقليتي برادرين قومي معيشت ۽ سماجي ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪراچي جهڙي گهڻ ثقافتي شهر ۾ هندو، مسيحي، سک، پارسي ۽ ٻيون برادريون شهر جي سماجي، معاشي، تعليمي ۽ واپاري زندگي جو اهم حصو آهن. انهن جون خدمتون ۽ قربانيون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب فريئر هال ۾ اقليتي ڏينهن جي تقريب منعقد ڪري اقليتي برادرين جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ڪئي ۽ عوامي مسئلن کان آگاهه ڪيو. صوبائي وزير مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي فوري قدمن جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي ڳالهائيندي جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن موجب سنڌ حڪومت عوامي خدمت، صوبي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوام جي آئيني حقن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته سنڌ جي وحدت، سڃاڻپ ۽ آئيني حقن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ عوامي مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته سنڌ ۾ صنعتي ۽ واپاري سرگرمين جي فروغ، سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ اثرائتي قدم جاري آهن.

بقايا 12 "روزاني عبرت"

بڻجي چڪي آهي، پي ٽي آءِ پرامن احتجاج تي يقين نه ٿي رکي، ان جو مقصد ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال کي تباهه ڪرڻ ۽ ملڪي ترقي جو رستو روڪڻ آهي، راولپنڊي فائرنگ واقعي پي ٽي آءِ جي ڪڏي ايجنڊا ۽ ارادا سڀني سامهون بي نقاب ڪري ڇڏيا آهن. آچاري ڏينهن راولپنڊي مال روڊ تي پي ٽي آءِ ڪارڪن جي فائرنگ جي حوالي سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته راولپنڊي مال روڊ تي پيش ايندڙ واقعو مذمت جوڳو آهي. هن چيو ته تشدد جي سياست ڪرڻ ۽ هٿيارن سان ليس ٿي اچڻ پي ٽي آءِ جو شيوو بڻجي چڪو آهي، راولپنڊي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪن پاران سيڪيورٽي اهلڪار تي فائرنگ جو ڪو جواز نه هو. هن چيو ته پي ٽي آءِ پاران لانگ مارچ جي ڪال به ڏني وئي آهي جڏهن ته ان جي ماضي جا سمورا احتجاج رڪارڊ تي آهن جن ۾ ڪارڪن هٿيارن سان ليس آيا ۽ پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو. هن چيو ته پي ٽي آءِ پرامن احتجاج تي يقين نه ٿي رکي، اڄ جي واقعي سان ان جا مقصد ۽ ارادا پوري قوم جي سامهون اچي ويا آهن. وفاقي وزير چيو ته راولپنڊي مال روڊ تي ڏينهن ڏٺي هٿياربند ٿي فائرنگ جو واقعو تشدد جي سياست جو واضح مثال آهي. تشدد پي ٽي آءِ جو نظريو آهي جيڪا سياست تي يقين رکي ٿي، انهن جو ڪو هڪ احتجاج به پرامن ناهي رهيو. وفاقي وزير چيو ته اڄ جي واقعي سان ڪيترين ئي اهم حقيقتون سامهون آيون آهن، پي ٽي آءِ جي ڪارڪن کان پارٽي جو جهنڊو ۽ ٻيا دستاويز به برآمد ٿيا آهن. وفاقي وزير چيو ته اها ڳالهه واضح آهي ته پي ٽي آءِ جي ڪنهن به احتجاج جي پٺيان ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ ۽ امن امان کي تباهه ڪرڻ آهي. هن چيو ته تازو ئي مڪه گڏيل دفاعي معاهدو عمل ۾ آيو جڏهن به پاڪستان کي عالمي سطح تي عزت ملي ٿي يا ملڪ جي لاءِ ڪا اهم اڳڀرائي ٿئي ٿي، يا ڪنهن ٻئي ملڪ جو سربراهه پاڪستان جو دورو ڪري ٿو ته پي ٽي آءِ پاران احتجاج جو اعلان ڪيو وڃي ٿو هاڻي به انهن لانگ مارچ جي ڪال ڏني آهي. هن چيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ عالمي سطح تي عزت ۾ اضافو پي ٽي آءِ کي هضم نه ٿي رهيو آهي، اهي هر اهم موقعي تي احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏين ٿا. عطاءُ الله تارڙ چيو ته اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته پي ٽي آءِ جي احتجاجن جي پٺيان ڪڏا مقصد آهن جن جو مقصد هٿيارن سان ليس ٿي اچڻ فائرنگ ڪرڻ، امن امان کي تباهه ڪرڻ ۽ ملڪ کي نقصان پهچائڻ آهي جنهن جو اڄ پوري دنيا مشاهدو ڪيو آهي. هن چيو ته انشاءَ الله پاڪستان ترقي جو سفر جاري رکندو، ملڪي قيادت ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي. پاڪستان ۽ پاڪستاني عوام کي هر محاذ تي ڪاميابي ملندي ۽ پاڪستان جي دشمنن کي ناڪامي کي منهن ڏيڻو پوندو.

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ڊيلرز ايسوسيئيشن مطالبن جي منظوري لاءِ حڪومت کي 72 ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو ايسوسيئيشن جي چيئرمين ملڪ خدا بخش چيو آهي ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ روزاني بنياد تي ٿيندڙ ڦيرڦار ڪاروبار کي متاثر ڪري رهي آهي. ايسوسيئيشن چيئرمين مطالبو ڪيو ته ڊيلرز جو مارجن 8 سيڪڙو ڪيو وڃي، هن الٽيميٽم ڏيندي چيو ته جيڪڏهن حڪومت 72 ڪلاڪن اندر مطالبا نه مڃيا ويا ته پيٽرول پمپ بند ڪري ڇڏينداسين. ٻئي پاسي آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اونرز ايسوسيئيشن جي هڙتال پڻ جاري آهي. گڊز ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن جي صدر موجب، جيستائين مطالبا قبول نه ڪيا ويندا، تيستائين ڦيٿو جام هڙتال جاري رهندي.

بقايا 14 "روزاني عبرت"

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اقليتي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته هي ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته پاڪستان هر شهري جو برابر جو وطن آهي، چاهي ان جو تعلق ڪنهن به مذهب سان هجي. قوم جي حقيقي طاقت ان جي سمورن شهرين جي وقار، برابري، آزادي ۽ مساوي شهريت ۾ لڪل آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اقليتي برادرين جون قربانيون، خدمتون ۽ قومي تعمير ۾ سندن ڪردار پاڪستان جي وجود جو حصو آهن. اسان جي اقليتن جا خواب اسان جا خواب ۽ سندن اميدون اسان جون اميدون آهن. جڏهن ته اقليتي برادرين جو مستقبل پاڪستان جي مستقبل کان الڳ ناهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي برادرين جي آئيني حقن، مذهبي آزادي ۽ مساوي شهريت جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. بابائي قوم قائداعظم محمد علي جناح جو ويزن اهڙي پاڪستان جو تقاضو ڪري ٿو جتي تنوع کي قومي طاقت سمجهيو وڃي ۽ هر شهري خوف ۽ امتياز کان پاڪ ماحول ۾ عزت ۽ وقار سان زندگي گذاري سگهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 1973ع جو متفقه آئين قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو قوم لاءِ تاريخي تحفو آهي، جيڪو سمورن شهرين جي مساوي حقن ۽ مذهبي آزادي جي ضمانت ڏئي ٿو شهيد محترمه بينظير ڀٽو انساني حقن، اقليتن جي حقن ۽ برابري جي هميشه مضبوط آواز ۽ علمبردار رهي. پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته صدر آصف علي زرداري پنهنجي پهرين صدارتي دور ۾ 11 آگسٽ کي قومي اقليتي ڏهاڙي طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو هو جيڪو هم آهنگي، رواداري ۽ قومي يڪجهتي جي فروغ لاءِ سندس پائيدار عزم جو عڪاس آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اچو ته اڄوڪو ڏينهن اسان کي اهڙي پاڪستان جي تعمير لاءِ پنهنجي عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو جتي هر مذهب جو احترام ڪيو وڃي، هر آواز کي وقار سان ٻڌو وڃي ۽ هر شهري کي مساوي حق، برابر موقعا ۽ محفوظ مستقبل حاصل هجي. هن چيو ته پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي ته ملڪ جو هر شهري بنا ڪنهن مذهبي فرق جي قومي سفر ۾ برابر جو شريڪ هجي. اقليتي برادرين جي عزت، حقن ۽ مذهبي آزادي جو تحفظ هڪ مضبوط، جمهوري ۽ روادار پاڪستان جي بنيادي سڃاڻپ آهي. بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي، صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير سعيد غني، وڏي وزير جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي، وڏي وزير جي صلاحڪار براءِ بحالي گيانچند ايسراڻي ۽ ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد پنهنجي الڳ الڳ پيغامن ۾ اقليتي برادرين کي قومي اقليتي ڏهاڙي جون واڌايون ڏيندي پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ جي تعمير ۽ ترقي ۾ اقليتي برادرين جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي آهي. اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته مذهبي اقليتون پاڪستان جو اهم ۽ قابل احترام حصو آهن. پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي ۾ اقليتي برادرين جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. 11 آگسٽ قائداعظم جي ان ويزن جي ياد ڏياري ٿو ته پاڪستان ۾ سمورن شهرين کي برابري جا حق حاصل آهن. هندو، سک، عيسائي ۽ ٻين مذهبي اقليتن ملڪ جي مختلف شعبن ۾ ترقي لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. 2009ع ۾ 11 آگسٽ کي قومي اقليتي ڏهاڙو قرار ڏيڻ اقليتي برادرين جي خدمتن جي اعتراف ۽ سندن حقن جي تحفظ واري عزم جو اظهار آهي. پاڪستان جو آئين سمورن شهرين کي مذهبي، سماجي، سياسي ۽ معاشي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو. قائداعظم جي اصولن موجب رواداري ۽ هڪٻئي جي احترام کي هٿي وٺرائڻ ضروري آهي. سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قائداعظم جي پاڪستان ۾ هر شهري برابر آهي ۽ اقليتون پاڪستان جي طاقت آهن. هندو، مسيحي، سک، پارسي ۽ سمورين اقليتي برادريون پاڪستان جو فخر آهن. سنڌ جي خوبصورتي مختلف مذهبن جي رنگن سان جڙيل آهي. اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪنهن تي احسان نه پر هر پاڪستاني جو آئيني حق آهي. سنڌ حڪومت هميشه اقليتي برادرين جي آئيني، مذهبي، سماجي ۽ معاشي حقن جي تحفظ کي پنهنجي ذميواري سمجهيو آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ حڪومت جو واضح موقف آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ سمورن شهرين کي برابر حق حاصل آهن. سنڌ ۾ مذهب يا عقيدي جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي فرق جي گنجائش ناهي. سنڌ حڪومت اقليتي برادرين کي قومي ترقي جي سفر ۾ برابر جو شريڪ سمجهي ٿي ۽ انهن جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي عملي قدم کنيا آهن. 2020ع کان 2025ع تائين 6 هزار کان وڌيڪ اقليتي شاگردن کي اسڪالرشپس فراهم ڪيون ويون، جڏهن ته مستحق اقليتي خاندانن جي نياڻين جي شادي لاءِ 25 هزار کان 50 هزار رپين تائين مالي سهائتا جو پروگرام پڻ جاري آهي. حساس اقليتي مذهبي هنڌن جي سيڪيورٽي لاءِ 253 هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا آهن. اقليتي عبادتگاهن جي مرمت، بحالي ۽ سار سنڀال لاءِ مختلف اسڪيمن تحت قدم کنيا ويا آهن. بين المذاهب هم آهنگي لاءِ ضلعي سطح تي ڪميٽيون ۽ ڊويزنل سطح تي سهولت ڊيسڪ قائم ڪيا ويا آهن. اقليتي شهرين جي قانوني حقن جي تحفظ لاءِ سنڌ هندو ميريج ايڪٽ ۾ ترميم سميت ٻيا قدم کنيا ويا آهن. گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جو 11 آگسٽ وارو تاريخي خطاب پاڪستان ۾ مذهبي آزادي، مساوات ۽ اقليتي حقن جي روشن بنياد آهي. قائداعظم اهڙو پاڪستان چاهيو هو جتي هر شهري کي مذهبي آزادي، مساوي حق ۽ عزت حاصل هجي. آئين پاڪستان هر شهري کي بنا ڪنهن مذهبي، رنگ يا نسل جي فرق جي مساوي حقن ۽ مذهبي آزادي جي ضمانت ڏئي ٿو اقليتي برادرين جي جان ۽ مال، عبادتگاهن ۽ مذهبي آزادي جو تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهي. تعليم، معيشت، دفاع، فنون ۽ ٻين شعبن ۾ اقليتي برادرين جون خدمتون پاڪستان لاءِ فخر جو سبب آهن. صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو ته وطن عزيز ۾ رهندڙ هندو، عيسائي، سک ۽ ٻين مذهبن سان تعلق رکندڙ محب وطن پاڪستانين کي قومي اقليتي ڏهاڙي جون واڌايون پيش ڪريان ٿو. پاڪستان پيپلز پارٽي مذهبي هم آهنگي، رواداري ۽ اقليتن جي حقن جي علمبردار آهي. 11 آگسٽ قومي اقليتي ڏهاڙو قائداعظم جي مساوي حقن واري ويزن جي يادگيري آهي. مذهب يا عقيدي جي بنياد تي ڪنهن به شهري سان امتيازي سلوڪ نه ٿيڻ گهرجي. پيپلز پارٽي اقليتن لاءِ ملازمتن ۾ ڪوٽا، سياسي نمائندگي ۽ ٻين عملي قدمن ذريعي سندن حقن کي هٿي ڏني آهي. اقليتن کي قومي تعمير ۽ فيصلا سازي جي عمل ۾ موثر شريڪ بڻائڻ ضروري آهي. سنڌ حڪومت اقليتي برادرين جي مذهبي، سماجي ۽ قانوني حقن جي تحفظ لاءِ قدم کڻي رهي آهي، اقليتي شاگردن لاءِ اسڪالرشپس ۽ مستحق خاندانن کي مالي سهائتا فراهم ڪئي پئي وڃي، عبادتگاهن جي تحفظ ۽ مذهبي تهوارن تي سيڪيورٽي يقيني بڻائي پئي وڃي. سنڌ جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ صوبائي وزير سعيد غني پڻ قومي اقليتي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغامن ۾ اقليتي برادرين کي واڌايون ڏيندي پاڪستان ۽ سنڌ جي تعمير ۽ ترقي ۾ سندن خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته اقليتي برادرين جا حق، مذهبي آزادي، عبادتگاهن جو تحفظ ۽ مساوي شهري حيثيت يقيني بڻائڻ سنڌ حڪومت جي ذميوارين ۾ شامل آهي. هنن چيو ته سنڌ جي صوفي روايت محبت، رواداري، پائيداري ۽ انسانيت جو درس ڏئي ٿي ۽ مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ شهرين جو گڏجي رهڻ سنڌ جي سڃاڻپ آهي. صوبائي وزيرن چيو ته مذهب يا عقيدي جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي امتيازي سلوڪ جي گنجائش ناهي ۽ سنڌ حڪومت اقليتي برادرين جي ڀلائي، تحفظ ۽ ترقي لاءِ عملي قدم جاري رکندي.

بقايا 15 "روزاني عبرت"

اقليتن جي قومي ڏينهن جي موقعي تي سڄي پاڪستان جي سموري اقليتي برادرين کي دلي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ سمورن مذهبن سان تعلق رکندڙ شهرين جي خدمت ۽ ڪردار قدر جوڳو آهي. اقليتن جي قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته هي ڏينهن ملڪ جي لاءِ اقليتي برادرين جي اڻٿڪ خدمتن ۽ ڪردار کي تسليم ڪرڻ ۽ ان عزم جي ورجاءَ جو موقعو آهي ته هر شهري قومي برادري جو برابر ميمبر آهي. خاتون اول چيو ته اقليتي برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن تعليم، صحت، قانون، عوامي خدمت، ڪاروبار، هٿياربند فوج، فنون، رانديون ۽ ٻين شعبن ۾ ملڪ جي خدمت ڪئي آهي، انهن جون ڪاميابيون پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي داستان جو اهم حصو آهن. هن چيو ته برابري جو عملي اظهار هر شهري کي حاصل حقن ۽ موقعن ۾ ٿيڻ گهرجي، قانون کي سمورن شهرين کي هڪ جهڙو تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي ۽ هر پاڪستاني کي مذهب جي بنياد تي ڪنهن فرق ڪانسواءِ ملڪ جي سماجي، معاشي ۽ شهري زندگي ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي لاءِ هڪ جهڙا موقعا حاصل هجڻ گهرجن. آصفه ڀٽو زرداري چيو ته نوجوانن ۽ عورتن جو وڌيڪ جامع ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير ۾ خصوصي ڪردار آهي. اسان کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته اقليتي برادرين سان تعلق رکندڙ نوجوانن کي تعليم حاصل ڪرڻ، پنهنجون صلاحيتون نکارڻ ۽ ملڪ جي مستقبل ۾ موثر ڪردار ادا ڪرڻ جا برابر موقعا ميسر هجن. هن چيو ته اقليتي عورتن کي به تعليم، روزگار ۽ عوامي زندگي ۾ ڀرپور شرڪت ۽ پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جا هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن. خاتون اول چيو ته سمورن ادارن ۽ معاشري جي سمورن طبقن جي ذميواري آهي ته برابري ۽ انصاف جي اصولن کي برقرار رکيو وڃي، هر شهري سان منصفاڻو سلوڪ يقيني بڻايو وڃي ۽ ان کي ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. هن خاندانن، تعليمي ادارن، برادرين ۽ عوامي ادارن تي زور ڏنو ته اهي شهرين جي وچ ۾ احترام، گڏيل سمجهه ۽ برابر سلوڪ کي فروغ ڏين. سندس چوڻ هو ته اڄ نوجوانن کي جيڪي قدر سيکاريا ويندا، اهي ئي مستقبل ۾ ان جي تعمير ڪيل پاڪستان جي صورت گري ڪندا. آصفه ڀٽو زرداري اقليتين برادرين جي خدمتن ۽ ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪندي انهن جي مسلسل ترقي، خوشحالي ۽ ڀلائي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن دعا ڪئي ته پاڪستان پنهنجي سمورن شهرين جي لاءِ برابري، احترام ۽ هڪ جهڙن موقعن سان مسلسل ترقي طرف گامزن رهي.

بقايا 16 "روزاني عبرت"

جي قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته قائداعظم محمد علي جناح جي پاڪستان ۾، هر شهري برابر آهي ۽ اقليتي برادري پاڪستان جي طاقت ۽ قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهن. هندو، عيسائي، سک، پارسي ۽ سڀئي اقليتي برادريون پاڪستان جو فخر آهن. ڏياري هجي، ڪرسمس هجي، ويساکي هجي يا ايسٽر سنڌ جي سونهن مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي رنگن ۾ مجسم آهي. هن چيو ته اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪنهن تي احسان نه پر هر پاڪستاني جو آئيني حق آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت سدائين اقليتي برادرين جي آئيني، مذهبي، سماجي ۽ معاشي حقن جي تحفظ کي پنهنجي ذميواري سمجهيو آهي. چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ حڪومت جو واضح موقف آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ سڀني شهرين کي برابر حق حاصل آهن. سنڌ ۾ مذهب يا عقيدي جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي فرق جي ڪا به گنجائش ناهي ۽ سنڌ حڪومت اقليتي برادري کي صوبي ۽ ملڪ جي ترقي جي سفر ۾ برابر جو ساٿي سمجهي ٿي. هن چيو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مذهبي ماڳن جي ڀلائي، تعليم، سماجي تحفظ ۽ تحفظ لاءِ ڪيترائي عملي قدم کنيا آهن. اقليتي برادري جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام جاري آهي، جڏهن ته 2020 کان 2025 تائين 6000 کان وڌيڪ اقليتي شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وئي. سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته اقليتي نوجوان تعليم ۽ مهارت ذريعي قومي ۽ صوبائي ترقي ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ڪن. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مستحق اقليتي خاندانن جي ڌيئرن جي شادي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان 25000 کان 50000 رپين جي امداد جو پروگرام پڻ آهي. صوبي ۾ حساس اقليتي مذهبي هنڌن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ 253 هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا آهن، جڏهن ته اقليتي عبادتگاهن جي مرمت، بحالي ۽ سار سنڀال لاءِ مختلف منصوبن تحت قدم پڻ کنيا ويا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضلعي سطح تي ڪميٽيون ۽ ڊويزنل سطح تي سهولت ڊيسڪ پڻ قائم ڪيون آهن. انهن قدمن جو مقصد مذهبي رواداري کي هٿي ڏيڻ، مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ شهرين جي وچ ۾ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ ۽ سماج ۾ پائيداري کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ آهي. هن چيو ته اقليتي شهرين جي قانوني حقن جي تحفظ لاءِ سنڌ هندو ميريج ايڪٽ ۾ ترميم سميت ٻيا قدم پڻ کنيا ويا آهن. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي، معيشت، تعليم، صحت، دفاع، ثقافت، فن ۽ ٻين شعبن ۾ اقليتي شهرين جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. هن ورجايو ته سنڌ حڪومت هڪ اهڙي سماج کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي جتي هر شهري، مذهب، عقيدي يا برادري کان سواءِ، برابر حق، احترام، سيڪيورٽي ۽ ترقي جا موقعا حاصل ڪري سگهي.

مخدوم بلاول کوآپریٹو ہاؤسنگ سوسائٹی
بلاک-II، سیکٹر B-2، گلشنِ شہباز، جامشورو
حوالہ نمبر: MB/CHS/28/2026
تاریخ: 11/08/2026

ٹینڈر

مخدوم بلاول کوآپریٹو ہاؤسنگ سوسائٹی متعلقہ کیٹیگری/فیلڈ میں پی ای سی سے منظور شدہ اور این ٹی این رکھنے والے ٹھیکیداروں سے سوسائٹی کے اندرونی ترقیاتی کاموں، یعنی سڑکوں، سیوریج اور بجلی کے کام کے لیے فی یونٹ ریٹ کی بنیاد پر سربمہر ٹینڈر طلب کرتی ہے۔ خواہشمند ٹھیکیدار اخباری اشتہار کی اشاعت کی تاریخ سے 31.08.2026 بوقت 1:00 بجے دوپہر تک -/5,000 روپے ناقابل واپسی فیس کی ادائیگی پر بولی کی دستاویزات حاصل کر سکتے ہیں۔ بولی کی دستاویزات 31.08.2026 کو بوقت 1:30 بجے دوپہر تک سوسائٹی کے دفتر میں واپس وصول کی جائیں گی اور اسی روز بوقت 2:00 بجے دوپہر پروکیورمنٹ کمیٹی اور موجود ٹھیکیداروں یا ان کے مجاز نمائندوں کی موجودگی میں کھولی جائیں گی۔ بولی کے ساتھ 500,000 روپے کی بڈ سیکیورٹی، ایم بی سی ایچ ایس گلشنِ شہباز، جامشورو کے حق میں ڈپازٹ ایٹ کال کی صورت میں جمع کرانا لازم ہوگا۔ نامکمل، اوور رائٹنگ/اعداد میں ردوبدل شدہ، نیز مشروط بولیوں کو قبول نہیں کیا جائے گا۔ ٹھیکیدار ماضی میں انجام دیے گئے اسی نوعیت کے کاموں کی تفصیلات فراہم کریں گے۔ پروکیورمنٹ کمیٹی یا مینجنگ کمیٹی کسی بھی وجہ بتائے بغیر کسی ایک یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے۔ اگر بولیاں کھولنے کی تاریخ کو پروکیورمنٹ کمیٹی کا کوئی رکن موجود نہ ہو تو بولیاں اگلے ہی روز اسی مقام اور اسی وقت پر کھولی جائیں گی۔

سیکریٹری
مخدوم بلاول کوآپریٹو ہاؤسنگ سوسائٹی

گمشدگيءَ بابت اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ٻارڙي بشيران ولد غلام حسين گم ٿيل آهي، جنهن بابت ڪيس الزام نمبر 13/2026، ڏوهه دفعه 363 تعزيرات پاڪستان، TIP-3، سچل ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل ٻارڙي بشيران ولد غلام حسين، عمر 13 سال، بابت ڪا ڄاڻ هجي ته مهرباني ڪري DSP جي ڏنل فون نمبر تي اطلاع ڏيو. مهرباني.

DSP سهراب ڳوٺ انويسٽيگيشن
ايسٽ زون-1 ڪراچي.
آفيس، ٿاڻو سهراب ڳوٺ، گلزار هجري، ڪراچي.
0316-1052354

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/3480/2026

جشن آزادي جي موقعي
ڪمال ديرو : سپليمينٽ
پيشڪش: جمشيد گوپانگ



جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا افضل پيچوهو سيڪريٽري صحت ڊي جي هيلٿ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز ڊاڪٽر اختيار علي ميراڻي سميت اهل وطن صحت کاتي جي ملازمن کي جشن آزادي جون لک لک واڌايون.

پاران: ڊاڪٽر عبدالرحيم ملاح اڪين جو ماهر ڊاڪٽر

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي بزرگ سياستدان اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد ظفر علي شاهه اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر سيد احمد علي شاهه يوسي محبت ديرو جي عوام سميت اهل وطن کي مبارڪ باد پيش ڪجي ٿي.

پاران: فضل الله ڏهراج محبت ديرو



جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي سياسي سماجي مذهبي رهنمائن سميت اڃڻ برادري ۽ اهل وطن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي ملڪ جي خودمختياري استحڪام ۽ ترقي لاءِ دعاگو آهيون

پاران: محمد هاشم اڃڻ ڪنڊيارو

جشن آزادي مبارڪ

ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي قائد ملت جعفريہ پاڪستان علامہ سيد ساجد علي نقوي مرڪزي سيڪريٽري جنرل شيعہ علماءِ ڪائونسل پاڪستان علامہ ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي صاحب صوبائي صدر شيعہ علماءَ ڪائونسل صوبا سنڌ علامہ اسد اقبال زيدي جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي ملڪ جي خودمختياري استحڪام ترقي لاءِ دعاگو آهيون

پاران: واجد علي ڪربلائي صدر شيعہ علماءَ ڪائونسل تعلقہ ڪنڊيارو

جشن آزادي مبارڪ

ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي قائد ملت جعفريہ پاڪستان علامہ سيد ساجد علي نقوي مرڪزي سيڪريٽري جنرل شيعہ علماءِ ڪائونسل پاڪستان علامہ ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي صاحب صوبائي صدر شيعہ علماءَ ڪائونسل صوبا سنڌ علامہ اسد اقبال زيدي جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي ملڪ جي خودمختياري استحڪام ترقي لاءِ دعاگو آهيون

پاران: زنوار جميل الرحمان جتوئي سينيئر رهنما اسلامي تحريڪ پاڪستان نوشهروفيروز

جشن آزادي مبارڪ

ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي قائد ملت جعفريہ پاڪستان آيت الله علامہ سيد ساجد علي نقوي مرڪزي سيڪريٽري جنرل شيعہ علماءِ ڪائونسل پاڪستان علامہ ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي صوبا سنڌ جي صدر علامہ اسد اقبال زيدي جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي ملڪ جي خودمختياري استحڪام ترقي لاءِ دعاگو آهيون

پاران: زنوار جميل الرحمان جتوئي سينيئر رهنما اسلامي تحريڪ پاڪستان نوشهروفيروز

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد ظفر علي شاهه اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر سيد احمد علي شاهه سيد منور علي شاهه سيد ذوهيب علي شاهه سيد اسد علي شاهه ڪمال ديرو بڪري واسين سميت اهل وطن کي مبارڪ باد پيش ڪجي ٿي

پاران: رئيس امداد علي سامٽيو يوسي ڪمال ديرو

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد ظفر علي شاهه اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر سيد احمد علي شاهه سيد منور علي شاهه سيد ذوهيب علي شاهه سيد اسد علي شاهه ڪمال ديرو واسين سميت اهل وطن کي مبارڪ باد پيش ڪجي ٿي.

پاران: شان انور علي، جمشيد علي، ڪمالديرو

جشن آزادي جي موقعي
راڄوخاناڻي : سپليمينٽ
پيشڪش: اميت ڪمار اداسي

جشن آزادي مبارڪ

14 آگسٽ جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي آئون چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل آصف منير، پير سائين پاڳاري، ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي ۽ خاص طور تي اين اي 222 جي با شعور عوام سميت سمورن محب وطن پاڪستانين کي دل جي گهراين سان جشن آزادي جون ڪوڙ سارين مبارڪون پيش ڪريان ٿو

پاران: مير حسين بخش ٽالپر راڄوخاناڻي

جشن آزادي مبارڪ

14 آگسٽ جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي آئون راڄوخاناڻي ۽ ٽنڊو غلام علي جي با شعور عوام سميت سموري ملڪ ۾ رهندڙ محب وطن پاڪستانين کي دل جي گهراين سان جشن آزادي جون ڪوڙ سارين مبارڪون پيش ڪريان ٿو



پاران: راجيو عرف راجو مالهي
آر ڪي پيٽرول پمپ راڄوخاناڻي

جشن آزادي مبارڪ

14 آگسٽ جشن آزادي جي پر مسرت موقعي ۽ روزاني عبرت اخبار حيدرآباد جي 68 هين سالگرهه جي موقعي تي آئون تعلقي تلهار مان چونڊيل پيپلزپارٽي جي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر، عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سرواڻ قاضي اسد عابد، مير اسلم ٽالپر، مير شاهجهان ٽالپر، مير فياض ٽالپر، مير عمران ٽالپر، مير ريحان ٽالپر، ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي جي چيئرمين مير عرفان ٽالپر سميت سمورن محب وطن پاڪستانين کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو

پاران: اميت ڪمار اداسي، رپورٽر روزاني عبرت اخبار راڄوخاناڻي

ڏڙي پرسان سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف مختلف ڳوٺن جي رهواسين جو ڊرٽو روڊ بلاڪ

2010 ع کان سم نالي جي ڪاٽي نه ٿي آهي، برسات دوران مختلف هنڌن تان گهارا لڳڻ سبب سارين جي فصل کي نقصان پهتو

بار بار دانهن باوجود انتظاميا خاموش، سم نالي جي فوري ڪاٽي نه ڪرائڻ جي صورت ۾ عدالت سان رجوع ڪنداسين

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ويجهو سم نالي جي ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڏڙو پيلو روڊ تي ڊرٽو ڏيڻ ٽريفڪ معطل، سم نالو اوور ٽاپ ٿيڻ سبب سوين ايڪڙ زمينون ۽ ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڳوٺاڻن جو انتظامي نااهلي خلاف نعريبازي، عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان. تفصيل موجب ڏڙي ويجهو يونين ڪائونسل مراد پور ۾ واليشاهه سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف 10 ڳوٺن جي رهواسين پاران پيلو روڊ تي لوئيا اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو. واليشاهه سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف ڳوٺ سليمان لوئيو، ڳوٺ نور محمد ٽانڊائي، ڳوٺ عبد□ سوڍو، ڳوٺ سومار ملاح، ڳوٺ محمد خان سولنگي ۽ ٻين رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. ڳوٺاڻن سليمان لوئيو، ممتاز سوڍو، اسلم سولنگي ۽ ولي محمد ٽانڊائي جي اڳواڻي ۾ ڏڙو پيلو روڊ تي لوئيا اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واليشاهه سم نالي جي 2010 کان اڄ ڏينهن تائين ڪاٽي نه ڪرائي وئي آهي جنهن ڪري سم نالو گند ڪچري ۽ گاهه سان پرجي ويو آهي، هنن چيو ته برسات سبب سم نالو اوور ٽاپ ٿي ويو آهي ۽ مختلف هنڌن تان گهارا لڳي رهيا آهن سم نالي جو پاڻي سوين ايڪڙن تي پوکيل سارياڻي فصل کي ٻوڙي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ڳوٺن جي چوطرف پاڻي بيٺل آهي، امڪاني برسات پوڻ جي صورت ۾ ڳوٺن جي ٻڏڻ جو خدشو آهي هنن وڌيڪ چيو ته دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، مجبور ٿي روڊ تي ٽڪري احتجاج ڪري رهيا آهيون، هنن مطالبو ڪيو ته واليشاهه سم نالي جي ڪاٽي ڪرائي وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ عدالت جو در کڙڪائينداسين.

حيدرآباد ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ ڊاڪٽر پرويز احمد شيخ لياقت ميڊيڪل ڪاليج، اسپتال حيدرآباد جو دورو ڪري رهيو آهي

ايل ايم سي اسپتال حيدرآباد جي ترقياتي ڪمن جو ڊي جي هيلٿ سروسز پاران معائنو

اسپتال جي اپ گريڊيشن ۽ غريب مريضن کي معياري علاج ۽ دوائن جي فراهمي صحت کاتي جي اولين ترجيح آهي: ڊاڪٽر پرويز شيخ

24 ڪلاڪ فعال فارميسي، وارڊن ۽ مختلف شعبن جو دورو، طبي سهولتن ۽ انتظامي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار

ماڊيولر آپريشن ٿيٽر جي تعمير سان مريضن کي جديد ۽ محفوظ جراحي سهولتون ميسر ٿينديون: ڊي جي هيلٿ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ ڊاڪٽر پرويز احمد شيخ، ايڊيشنل سيڪريٽري هيلٿ ڊاڪٽر حسن ٻگهيو سان گڏ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ مختلف وارڊن سميت اسپتال جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو. هن اسپتال ۾ مختلف وارڊن جي جاري تعمير مرمت ۽ تزئين و آرائش جي ڪمن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جو صحت کاتو پنهنجي اولين ترجيح تحت اسپتالن جي ترقي ۽ اپ گريڊيشن سان گڏ غريب مريضن کي معياري علاج ۽ دوائن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏئي رهيو آهي، ته جيئن امير ۽ غريب سڀئي مريض خانگي اسپتالن بدران سرڪاري اسپتالن ۾ پنهنجو علاج ڪرائڻ کي ترجيح ڏين دوري دوران ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي اسپتال ۾ جاري ترقياتي منصوبن، طبي سهولتن ۾ بهتري ۽ مستقبل جي صحت جي بنيادي ڍانچي جي منصوبن بابت ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ کي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد ۾ نئين اضافي عمارتن جي تعمير سان گڏ پراڻين عمارتن جي تعمير ۽ مرمت، رنگ و روغن جو ڪم پڻ جاري آهي. جڏهن ته علاج ۽ طبي سهولتن جي حوالي سان بهتر علاج جي فراهمي، صفائي سٿرائي ۽ داخل مريضن کي معياري خوراڪ جي فراهمي اسان جو مشن آهي، جنهن لاءِ اسان ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون. بعد ۾ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري هيلٿ اءِ سي يو بلڊنگ ۾ قائم 24 ڪلاڪ فعال فارميسي جو پڻ معائنو ڪيو. هنن فارميسي جي مسلسل فعاليت، انتظامي نظم و ضبط ۽ مريضن کي فراهم ڪيل سهولتن کي ساراهيندي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ارشاد حسين ڪاظمي جي ڪوشش ۽ ڪارڪردگي جي ڀرپور تعريف ڪئي. بعد ۾ معزز آفيسرن اسپتال ۾ تعمير هيٺ ماڊيولر آپريشن ٿيٽر جو پڻ دورو ڪيو ۽ جاري تعميراتي ڪم جو تفصيلي ۽ بارڪ بيني سان جائزو ورتو. هنن منصوبي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته ماڊيولر آپريشن ٿيٽر جي تڪميل سان مريضن کي وڌيڪ جديد، معياري ۽ محفوظ طبي ۽ جراحي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته اسپتال جي مجموعي آپريشنل صلاحيت ۾ پڻ نمايان بهتري ايندي.

پٺوري ۾ يوم آزادي جي تيارين بابت انتظاميا جي گڏجاڻي

سرڪاري عمارتن کي جهنڊين ۽ رنگ برنگين روشنين سان سينگارڻ جون هدايتون

اسڪولن ۾ يوم آزادي جون تقريبون شاندار نموني ڪرائڻ جو فيصلو

پٺورو (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر پٺورو غلام علي طارق جي صدارت ۾ يوم آزادي جي سلسلي ۾ تعلقي انتظاميا جي گڏجاڻي ٿي گذري، سموري شهر ۾ قومي پرچم لڳايا وڃن ،مک چوراهن تي ايڪوسائونڊ تي قومي نغما لڳايا وڃن ان سان گڏ سرڪاري عمارتن کي جهنڊين ۽ رنگي برنگي لائيٽن سان سينگاريو وڃي سموري شهر ۾ صفائي سٿرائي کي يقيني بڻايو وڃي تعلقي جي سمورين يونين ڪائونسلز جي چيئرمينز ۽ سيڪريٽريز کي هدايت ڪندي ٻڌايو ته تعلقي جي مختلف اسڪولن ۾ هرسال ٿيندڙ پروگرامن لاءِ ٻهراڙي جي اسڪولز ۾ صفائي جرنيٽر وغيره جو بندوبست ڪيو وڃي چيئرمين ٽائون ڪميٽي پٺورو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته تعلقي جي مک تقريب ٽائون ڪميٽي پٺورو ۾ ٿيندي آهي جنهن ۾ قومي پرچم کي سلامي ڏيڻ بعد هڪ شاندار تقريب ڪاٿيوءِ ڪيڪ ڪاٽيو ويندو آهي هن وڌيڪ چيو ته تعلقي جي مختلف اسڪولز ۾ ٿيندڙ تقريبن ۾ پڻ شرڪت ڪئي ويندي گڏجاڻي ۾ چيئرمين ٽائون ڪميٽي پٺورو آصف حسين چورو ، وائيس چيئرمين سيٺ وڪرم ڪمار جسواڻي ، چيئرمين يوسي ٻريجي خانصاب رئيس شيراز حمزهه مري چيئرمين يوسي مخدوم طالب المولي ، چيئرمين يوسي شادي پلي (رورل) خادم حسين رند ، سيد شمشير شاهه ٽائون آفيسر پٺورو ڊولڻ شر ايس ڊي او پٺورو سميت ٻين صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڏگهڙي ۽ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، چوري ۽ ڦر جون 2 وارداتون

جلال ابڙنگ جي واڙي مان 3 ٻڪريون چوري، نامعلوم چور رات جي اونداهي ۾ فرار

ڏٺل لغاري پرسان رڪشا ڊرائيور ڪان ڦر مزاحمت تي جوابدارن سم نالي ۾ ڪيرائي فرار ٿي ويا

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان چوري ۽ ڦر جون ٻه الڳ الڳ وارداتون شهرين ۾ ڇُلتي جي لهر.ڏگهڙي جي پرپاسي وارن علائقن ۾ چوري ۽ ڦر جون ٻه الڳ الڳ وارداتون شهرين ۾ ڇُلتي.اسٽاپ جلال ابڙنگ جي رهواسي عمران ابڙنگ جي واڙي مان گذريل رات نامعلوم چور ٽي ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا. عمران ابڙنگ موجب صبح جو اٿڻ بعد واڙي مان ٽي ٻڪريون غائب مليون جڏهن ته ڳولا دوران واڙي جي ٻاهران ڪن ماڻهن جي پيرن جا نشان پڻ نظر آيا، جنهن مان شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ٽي نامعلوم ماڻهو پيدل اچي ٻڪريون چوري ڪري ويا.متاثر شهري ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي پهچي صحافين کي ٻڌايو ته چوري جي وارادات سبب ڪيس مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي ٻئي طرف ڏگهڙي لڳ اسٽاپ ڏٺل لغاري پرسان سيم نالي جي خسته حال روڊ تي رات تقريبن 8 وڳي رڪشا ڊرائيور شير محمد عرف (ڦاڙهو) ڪيري کان ڦر جي واردات ٿي موٽر سائيڪل تي سوار ٻن نامعلوم جوابدارن رڪشا ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رڪشا ڊرائيور جي مزاحمت سبب جوابدار رڪشا ڦرڻ ۾ ناڪام رهيا. جوابدارن ڊرائيور کي سيم نالي ۾ ڪيرائي ڇڏيو ۽ سندس کيسي مان 4 هزار رپيا روڪ رقم ۽ هڪ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته سيم نالي وارو روڊ ڏگهي عرصي کان ٽٽل آهي ۽ رات جي وقت هتي مناسب سيڪيورٽي ۽ نگراني جا انتظام نه هجڻ سبب چورن ۽ ڦورن لاءِ وارداتون ڪرڻ آسان ٿي ويو آهي. علائقي واسين ڊي ايس پي ڏگهڙي کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻنهي وارداتن جو نوٽيس وٺي جوابدارن جو سراغ لڳايو وڃي، چوري ٿيل ٻڪريون ۽ ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ علائقي ۾ پوليس کي گشت تي مقرر ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد اسماعيل بلوچ پرائمري اسڪول جي زبون حالي خلاف احتجاج

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد شهر جي وارڊ نمبر 1 ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول اسماعيل بلوچ جي زبون حال عمارت خلاف اسڪول جي ٻارڙن احتجاجي مظاهرو ڪري شديد نعريبازي ڪئي سال 1989ع ۾ تعمير ٿيل ٻن ڪمرن تي مشتمل اسڪول جي عمارت جي سالن کان مرمت نه ٿيڻ سبب حالت انتهائي زبون حال ٿي چڪي آهي. اسڪول جي ڇت مان سيمينٽ جا چاپڙا ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويا آهن جڏهن ته چوديواري پڻ زبون ٿي ڊهڻ لڳي آهي ۽ عمارت جي ديوارن ۾ وڏا ڏار پئجي ويا آهن اسڪول فرينچر پڻ جي صاف پاڻي جي سهوليت کان محروم بڻيل نظر اچي رهيو آهي اسڪول انتظاميا ۽ ٻارڙن جو چوڻ آهي ته زبون حال عمارت سبب ڪنهن به وقت پڙهندڙ 270 ٻارڙن ۽ استادن کي وڏو جاني نقصان پهچڻ جو خدشو آهي ٻارڙن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي زبون حال عمارت بدران نئين عمارت تعمير ڪرائي شاگردن کي بنيادي تعليمي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن هو محفوظ ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن.

ٿرپارڪر ۾ ٻارن لاءِ سازگار ماحول جي قيام بابت يونيسيف جو مشاورتي اجلاس

ٻارن جي تحفظ، ترقي ۽ ڀلائي لاءِ حڪومت سنڌ ۽ پائيدار ادارن سان گڏجي ڪم جاري رکڻ جو عزم

ٻهراڙي ۾ ٿرپارڪر جون 4 يونين ڪائونسلون شامل، پروگرام کي سڄي ضلعي تائين وڌائڻ جي ضرورت آهي: ڊي سي

مٺي (ڊ-ر) يونيسيف پاران ضلعي ڪائونسل هال ٿرپارڪر ۾ حڪومت سنڌ، چونڊيل نمائندن، پائيدار تنظيمن ۽ گڏيل قومن جي ٻين ادارن جي سهڪار سان "چائلڊ فرينڊلي ڪميونٽيز" (ٻارن لاءِ سازگار برادريون) اقدام بابت اسٽيڪ هولڊرز جو مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو چيو ته ٿرپارڪر جي ٻارن جي بهتري لاءِ يونيسيف ۽ ٻين پائيدار ادارن سان هي شراڪتداري انتهائي خوش آئند آهي هن چيو ته حڪومت سنڌ پاران يونيسيف ۽ سمورن پائيدار ادارن سان گڏجي ٻارن جي تحفظ، ترقي ۽ ڀلائي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکيون وينديون.هن چيو ته سنڌ سرڪار ٻارن جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي منصوبا تيار ڪيا آهن ۽ ڪوشش آهي ته اهڙي قانوسازي ڪئي وڃي جنهن سان ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائي سگهجي.هن چيو ته ننڍپڻ جي شادين کي روڪڻ،جبري پورهئي جي خاتمي ۽ ٻارن کي هراسان ڪرڻ کي روڪڻ سميت ٻيا اهم قدم کنيا پيا وڃن.ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي پروگرام کي بهترين قرار ڏيندي چيو ته پهرين مرحلي ۾ ضلعي جي چئن يونين ڪائونسلن کي چونڊيو ويو آهي ۽ يونيسيف کي گذارش آهي ته اهڙا پروگرام سڄي ضلعي ۾ ڪيا وڃن.ته جيئن هن پروگرام مان ٿرپارڪر ضلعي جي سمورن ٻارن کي لاڀ ملي سگهي هن وڌيڪ چيو ته"چائلڊ فرينڊلي ڪميونٽيز" پروگرام مقامي حڪومت، سرڪاري کاتن، تعليمي ادارن، سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ مخير حضرات کي هڪ گڏيل مقصد تحت هڪٻئي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش آهي ان شراڪت کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي.هن چيو ته جيئونٽيڪ ٿرپارڪر جي ماڻهن جي روزگار جو واحد وسيلو مال آهي ۽ وسيلن جي کوٽ باوجود اهڙن پروگرامن ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڀرپور سهڪار ڪيو ويندو.ان موقعي تي ڳالهائيندي ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمن ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو چيو ته ضلعي ڪائونسل پاران عوامي ڀلائي جي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن سان هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو ان موقعي تي خطاب ڪندي يونيسيف سنڌ جي چيف فيلڊ آفيسر پريم بهادر چند يونيسيف جي نمائندي محمد عاصم "چائلڊ فرينڊلي ڪميونٽيز" پروگرام بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جنهن دوران پروگرام جي ڊائري مقامي حڪومت ۽ پائيدار ادارن جي ڪردار ۽ ضلعي ۾ ان جي عملي نفاذ جي طريقيڪار تي روشني وڌي وئي اجلاس جو مقصد ٻارن جي حقن، تحفظ ۽ ڀلائي کي مقامي ترقياتي منصوبابندي جو حصو بڻائڻ لاءِ مقامي حڪومت، سرڪاري کاتن سول سوسائٽي ۽ نجي شعبي وچ ۾ سهڪار ۽ پائيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ هو. اجلاس ۾ مختلف يونين ڪائونسلن جي چيئرمنن پڻ شرڪت ڪئي اجلاس دوران پائيدار تنظيمن ٽرڊيپ، آڪٽڊ، هيومن اپيل شفا فائونڊيشن ۽ آغا خان فائونڊيشن پاران پنهنجي لاڳاپيل سرگرمين بابت آگاهي ڏني وئي. جڏهن ته صحت کاتي ۽ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز جي نمائندن پاران ذهني صحت، اسڪولن ۽ ڪميونٽي سان لاڳاپيل قدمن بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن "پليج بورڊ" تي پنهنجا عزم درج ڪندي ٻارن جي تحفظ، حقن ۽ ڀلائي لاءِ گڏيل طور تي ڪم ڪرڻ جو اظهار ڪيو.

سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن خلاف حيدرآباد ۾ ايس ٽي پي جو احتجاج

زرداري ٽولي اقتدار بچائڻ لاءِ سنڌ جي ورهاڱي تي صحيحون ڪيون آهن: اڳواڻ

گرفتارين ۽ جيل جون سختيون جدوجهد کان نٿي روڪي سگهن: ايس ٽي پي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ نوان صوبا ٺاهڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ضلعي چيف آرگنائيزر جان محمد جوڻيجو،نورالله مگسي،ڪامريڊ حسن جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته زرداري ٽولي پنهنجو اقتدار بچائڻ خاطر سنڌ جي ورهاڱي تي صحيحون ڪيون آهن پ پ اڳ به ٻٽي نظام، ساموندي ٻيٽن ۽ سنڌو درياءَ جي پاڻي جو سودو ڪري چڪي آهي ايس ٽي پي سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکندي اسان ڪنهن به قسم جي گرفتارين ۽ جيل جي سختين کان ڊڄڻ وارا ناهيون هنن چيو ته هڪ ڏينهن سنڌ جو امڪاني ورهاڱي ۽ افغانين جي سنڌ مان نيڪالي لاءِ ڪيل مختلف شهرن ۾ احتجاج دوران پوليس 93ايس ٽي پي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو هنن چيو ته پ پ هڪ طرف ڀاڻ کي سنڌ جو همدردي سڏائي ٿي ته ٻئي طرف سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ واري سامري تان غائب آهي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ وارو راڳ آلاپڻ بند ڪيو وڃي سنڌي پنهنجي ڌرتي تي سرقربان ڪرڻ کان ڪين ڪيٻائيندا

ڪيٽي بندر ۾ گهرن تي مبينا حملو، نوجوان زخمي، احتجاج

پاءِ پاران 20 ڄڻن سان گڏ گهرن تي حملو ڌمڪيون ڏنيون ويون: غلام حسين شورو

مبينا حملي ۾ پٽ خادم حسين ڪهاڙين جي وار سبب زخمي ٿيو اعليٰ اختيارين انصاف ڪن

لئو (ڊ ر) ڪيٽي بندر جي ديهه خليفا جي رهواسي غلام حسين شورو پنهنجي گهرواري حسينه شورو ڏيءَ سڀئي شورو ۽ پٽن خادم حسين ۽ سڪندر علي سان گڏ نيشنل پريس ڪلب لئو پهچي دانهيندي چيو آهي ته اسان سالن کان ديهه خليفا ڪيٽي بندر ۾ رهائش پذير آهيون اسان جا گهر به اتي آهن ٻني ٻارو ڪري گذر ڪندا آهيون گذريل ڏينهن منهنجي پاءِ شفيع محمد شورو ويهارو کن ماڻهو ساڻ ڪري اسان جي گهرن تي هلان ڪري حملو ڪيو جنهن سبب منهنجو پٽ خادم حسين مٽي ۾ ڪهاڙيون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته حملہ آورن لٺيون هڻي منهنجي ٻئي پٽ سڪندر علي ۽ ڌيءَ سڀئي کي به زخمي ڪيو انهن اڳي وڃڻ ۽ گهر خالي ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني.







The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزانو عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 12 آگسٽ 2026ع

مڪ معاهدو ۽ خطي جي بدلجندڙ دفاعي حڪمت عملي

پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ دفاعي سهڪار بابت ٿيل مڪ معاهدي خطي جي سياست ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. هڪ طرف اسرائيل ان معاهدي کي پنهنجي لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو ۽ خطرناڪ قدم قرار ڏئي رهيو آهي ته ٻئي طرف ايران واضح ڪيو آهي ته هي دفاعي معاهدو ايران خلاف آهي. موجوده صورتحال مان واضح ٿئي ٿو ته وچ اوڀر ۽ ڏکڻ ايشيا جي سياسي ۽ دفاعي منظرنامي ۾ تيزيءَ سان تبديليون اچي رهيون آهن ۽ خطي جا ملڪ پنهنجي سلامتيءَ بابت نئين سر سوچڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. اسرائيلي حڪومت طرفان مڪ معاهدي تي ڳڻتيءَ جو اظهار ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته تل ابيب هن نئين دفاعي سهڪار کي معمولي سفارتي اڳڀرائي نٿو سمجهي. اسرائيلي وزير کي خطرناڪ ۽ پريشان ڪندڙ اڳڀرائي قرار ڏيندي خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ان جا اسرائيل لاءِ سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا. ظاهر آهي ته اسرائيل جي اها پريشاني رڳو معاهدي جي لفظن تائين محدود ناهي پر ان جي پويان خطي ۾ طاقت جي بدلجندڙ توازن جو احساس پڻ موجود آهي. ٻئي طرف ايران جو موقف نسبتاً محتاط ۽ مثبت آهي. ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائيءَ جو چوڻ آهي ته ايران کي نٿو لڳي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ وچ ۾ ٿيل گڏيل دفاعي معاهدو ايران خلاف آهي. ايران اهو به واضح ڪيو آهي ته مڪ معاهدي تي ڪيس ڪا خاص ڳڻتي ناهي ۽ هو پاڻ کي ان جو هدف نٿو سمجهي هيءَ موقف پاڪستان لاءِ انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جا ايران سان پاڙيسري، مذهبي، تاريخي ۽ تهذيبي لاڳاپا آهن. جڏهن ته سعودي عرب ۽ ترڪيءَ سان به پاڪستان جا ڊگها ۽ گهرا سفارتي ۽ دفاعي لاڳاپا رهيا آهن ان پسمنظر ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم چئلينج اهو آهي ته هو پنهنجي دفاعي سهڪار کي ڪنهن هڪ ملڪ يا ڪنهن مخصوص قوت خلاف اتحاد جو روپ ڏيڻ بدران خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ استعمال ڪري. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ لاءِ اهو توازن انتهائي ضروري آهي هڪ طرف سعودي عرب پاڪستان جو اهم دوست ۽ معاشي ساٿي آهي ته ٻئي طرف ايران هڪ پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن سان پاڪستان جا تاريخي ۽ سرحدي لاڳاپا آهن جڏهن ته ترڪي به پاڪستان جو ويجهو دوست ۽ اهم دفاعي ڀائيوار آهي.

وزيراعظم شهباز شريف جو اهو موقف پڻ اهم آهي ته مڪ معاهدي جا ڪنهن به قسم جا جارحاڻا مقصد ناهن، بلڪ اهو رڳو دفاعي مقصدن، خطي ۾ امن، سلامتي، ترقي ۽ خوشحاليءَ جي واڌاري لاءِ آهي. وزيراعظم موجب هن سلسلي ۾ گذريل سال هڪ باقاعده معاهدو ٿيو هو ۽ موجوده معاهدو ان ئي سهڪار جي توسيع آهي. جيڪڏهن معاهدي جو مقصد واقعي دفاعي تعاون کي مضبوط ڪرڻ ۽ خطي ۾ امن کي هٿي ڏيڻ آهي ته ان بابت شفاف سفارتڪاري ۽ پاڙيسري ملڪن کي اعتماد ۾ وٺڻ وڌيڪ ضروري ٿي وڃي ٿو ان سلسلي ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو ايران، سعودي عرب ۽ ڪويت جي پرڏيهي وزيرن سان ٽيليفون تي رابطو پڻ هڪ مثبت سفارتي قدم آهي علائقائي ۽ عالمي معاملن خطي جي بدلجندڙ صورتحال ۽ امن ۽ استحڪام لاءِ جاري ڪوششن بابت ڳالهه ٻولهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان دفاعي سهڪار سان گڏ سفارتي رابطن کي به اهميت ڏئي رهيو آهي. حقيقت اها آهي ته اڄ خطي جا ڪيترائي ملڪ پنهنجي سلامتيءَ بابت اڳ کان وڌيڪ حساس ٿي ويا آهن گذريل ڪجهه سالن دوران وچ اوڀر ۾ ٿيندڙ جنگين، تڪرارن ۽ طاقت جي ڇڪتاڻ اهو سوال پيدا ڪيو آهي ته ڇا ٻاهرين طاقت تي مڪمل ڀروسو ڪري ڪنهن ملڪ جي سلامتي يقيني بڻائي سگهجي ٿي؟ خطي جا ملڪ هاڻي شايد ان نتيجي تي پهچي رهيا آهن ته پنهنجي سلامتيءَ لاءِ علائقائي سهڪار، گڏيل دفاعي صلاحيت ۽ سفارتي هم آهنگي وڌيڪ اهميت رکن ٿا. پاڪستان ماضي ۾ به مختلف ڌرين وچ ۾ رابطا ۽ ڳالهين لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ به اهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو مڪ معاهدو رڳو ٽن ملڪن وچ ۾ دفاعي سهڪار جو نالو نه هجڻ گهرجي پر جيڪڏهن ان کي وسيع علائقائي امن جي مقصد سان اڳتي وڌايو وڃي ته اهو نئين سفارتي باب جي شروعات بڻجي سگهي ٿو. اسرائيل جي ڳڻتي، ايران جو محتاط موقف ۽ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ جا وضاحتون لاڳاپا ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته خطي ۾ طاقت ۽ سلامتيءَ جا پراڻا تصور تبديل ٿي رهيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڪستان پنهنجي دفاعي طاقت سان گڏ سفارتي طاقت کي به استعمال ڪري، ڇو ته مستقل امن صرف هٿيارن سان نه پر اعتماد، برابري، ڳالهين ۽ گڏيل مفادن جي احترام سان قائم ٿيندو آهي.

پاڪستان سان محبت، اسان سڀني جو گڏيل اثاثو..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

هر سال آگسٽ جو مهينو ايندي ئي پاڪستان جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وطن سان محبت جو هڪ نئون جذبو پيدا ٿي ويندو آهي. جشن جيئن 14 آگسٽ ويجهو ايندو آهي، تيئن هر طرف سبز هلالي جهنڊن جي بهار نظر اچڻ لڳندي آهي ۽ ملڪ جي گهٽين، پاڙن ۽ چوڪن ۾ وڏا ملي نغما هر پاڪستاني جي دل ۾ وطن جي محبت جو جذبو وڌيڪ وڌائيندا آهن. تحريڪ پاڪستان ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي اڳواڻي هيٺ مسلمانن جو وڏو ۽ بنيادي ڪردار هو پر تاريخ جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي جنهن کي وساري نه سگهجي ته 23 مارچ 1940ع تي جڏهن لاهور ۾ ... ٿيو هو، تڏهن آل انڊيا مسلم ليگ جا سبز هلالي جهنڊا کڻي تحريڪ پاڪستان جا ڪيترائي غير مسلم ڪارڪن به وڏي انگ ۾ موجود هئا. پاڪستان جي قرارداد جي ڀرپور حمايت ڪندڙن ۾ تحريڪ پاڪستان جي مشهور هندو اڳواڻ جوڳندر ناٿ منڊل جو نالو خاص طور تي اهم آهي قائداعظم جي فرمائش تي پاڪستان جو پهريون قومي ترانو ميانوالي سان تعلق رکندڙ هندو شاعر جڳن ناٿ آزاد لکيو هو جيڪو 14 آگسٽ 1947ع تي پهريون ڀيرو ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيو. اهو ترانو آزادي کانپوءِ لڳ ڀڳ ڏيڍ سال تائين سرڪاري طور تي قومي ترانو طور نشر ٿيندو رهيو. جيڪڏهن اسان تاريخ جي ورقن کي ڏسون ته چندو لال، راج ڪماري امرت، سي اي گبون، ايف اي چوڌري، الفريڊ پرشاد ۽ ايس ايس البرٽ جهڙا ڪيترائي غير مسلم اڳواڻ نظر اچن ٿا، جن تحريڪِ پاڪستان جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ پاڪستان جي قيام جي اهم ۽ فيصلائتن مرحلن ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو.

برطانوي هندستان جي آخري ڏينهن ۾ ديوان بهادر ايس پي سنگها گڏيل پنجاب جي قانون ساز اسيمبليءَ جو اسپيڪر هو هن پنهنجي فيصلائتي ووٽ ذريعي پنجاب کي پاڪستان جو حصو بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اهڙيءَ طرح سر وڪٽر ٽرنر جيڪو انگريز پسمنظر سان تعلق رکندو هو، تنهن هوندي به تحريڪ پاڪستان سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪيس پاڪستان جي سول سروس جو باني پڻ چيو وڃي ٿو عيسائي برادري جي هڪ مشهور شخصيت اون رابرٽ ڪورنيليئس پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ۾ قانون واري وزير جوڳندر ناٿ منڊل سان گڏ لا سيڪريٽري طور ڪم ڪيو ڪيس مسلمان اڪثريت واري ملڪ پاڪستان جو پهريون عيسائي چيف جسٽس ٿيڻ جو اعزاز پڻ حاصل ٿيو. انهن سڀني محب وطن غير مسلم اڳواڻن کي قائداعظم جي 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير تي مڪمل يقين هو ته نئين ٺهندڙ پاڪستان ۾ هر شهري کي پنهنجي مذهب مطابق عبادت ڪرڻ جي مڪمل آزادي هوندي ۽ ماڻهو پنهنجي مندر، مسجد يا ڪنهن به عبادتگاهه ۾ وڃي سگهندا قائداعظم جي اپيل تي منهنجي خاندان جي وڏن سميت هزارين هندو خاندانن به پاڪستان مان لڏي وڃڻ جو فيصلو واپس وٺي پاڪستان کي پنهنجي ڌرتي ۽ وطن بڻائڻ جو فيصلو ڪيو قائداعظم سان گڏ غير مسلم برادرين جي تحريڪِ پاڪستان ۾ ڀرپور شرڪت اُن ڳالهه جو ثبوت هئي ته اُهي پاڪستان کي ڪنهن هڪ خاص طبقي جي حڪمراني تائين محدود ملڪ نٿا سمجهن انهن جي نظر ۾ مسلمانن جي اڪثريت واري پاڪستان ۾ سماج جي سڀني پوئتي پيل ۽ محروم طبقن جي حقن ۽ عزت جي به ضمانت هجڻ گهرجي اڄ پاڪستان ٺهڻ کي لڳ ڀڳ اٺ ڏهاڪا ٿيڻ وارا آهن پر پاڪستان سان دل ۽ جان سان محبت ڪندڙ غير مسلم برادرين جو ملڪ کي سنوارڻ ۽ ان جي ترقيءَ ۾ حصو وٺڻ وارو جذبو اڄ به گهٽ ناهي ٿيو.

اڄ اسان پاڪستان جي ... ڪنهن به شعبي ... اقليتن جي حقن بين المذهبي هم آهنگي انسانيت جي خدمت ۽ مذهبي سياحت جي واڌاري لاءِ آواز اٿاريو آهي گڏيل ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي دوران منهنجي پارليماني جدوجهد جو بنيادي مقصد عوام جي خدمت رهيو آهي هن سال پهرين آگسٽ تي منهنجي سماجي خدمتن کي سارهيندي مون کي ڪئنيڊا جي شهر ڪيلگري ۾ "گلوبل هندو ايوارڊ" ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي گذريل ڪيترن ئي سالن کان اهو وڏو اعزاز ڪڏهن ڪنهن پاڙيسري ملڪ جي ماڻهوءَ کي ته ڪڏهن آمريڪا يا يورپ ۾ رهندڙ ڪنهن شخص کي ملندو رهيو آهي پر هن ڀيري ڪئنيڊا ۾ سخت مقابلي کانپوءِ آئون اِهو علمي ايوارڊ پاڪستان جي نالي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان ان کان اڳ ڪجهه سال اڳ متحده عرب امارات به سماج ۾ برداشت ۽ رواداري وڌائڻ لاءِ منهنجين خدمتن جي معتبرا طور مون کي "گلوبل ٽولرنس ايوارڊ" سان نوازيو هو منهنجي نظر ۾ اِهي علمي اعزاز منهنجي ذاتي ڪاميابي نه پر ان ڳالهه جو اعتراف آهن ته پاڪستان سان محبت ڪندڙ هڪ غير مسلم شخص به علمي سطح تي پنهنجي خدمتن ۽ سچائپ کي مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو مون کي هميشه اُن ڳالهه تي فخر رهيو آهي ته جيڪڏهن منهنجن وڏن تحريڪِ پاڪستان کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ قائداعظم جو ساٿ ڏنو هو ته اڄ مان سبز هلالي جهنڊي جي چانورَ هيٺ باني پاڪستان جي سوچ ۽ خواب کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر ڪڏهن ڪڏهن اِهو سوچيندي افسوس به ٿيندو آهي ته جيئن اڄ اسان تحريڪِ پاڪستان ۾ حصو وٺندڙ غير مسلم اڳواڻن جون تاريخي خدمتون وساري ڇڏيون آهن. تيئن ڪجهه شدت پسند ذرين جي دٻاءَ سبب اڄ جي محبِ وطن غير مسلم پاڪستانين جون خدمتون به نظرانداز ڪيون پيون وڃن منهنجي ذهن ۾ اِهو سوال بار بار اڀري ٿو ته آخر اسان مان ڪجهه ماڻهن کي اقليتي برادري جي ڪنهن ڪاميابيءَ تي ايترو اعتراض ڇو ٿيندو آهي؟ جيڪي غير مسلم پاڪستاني ملڪ لاءِ پنهنجو تن من ۽ دولت قربان ڪري رهيا آهن اسان جا ذميوار ماڻهو انهن جو حوصلو ڇو نٿا وڌائين؟ آخر اِهي ڪيتري عرصي تائين پاڪستان سان محبت ڪندڙ ماڻهن جي مخلصانه خدمتن کان اکيون ٻوٽي ويهندا؟ اڄ وقت جي ضرورت آهي ته پاڪستان سان محبت ڪندڙ غير مسلم پاڪستانين جي ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيل خدمتن کي اسڪولن جي نصاب، ميڊيا ۽ قومي سوچ ۾ مناسب جاءِ ڏني وڃي هر سال وانگر جشن آزادي ملهائيندڙ نئين نسل لاءِ منهنجو اِهو ئي پيغام آهي ته پاڪستان سان محبت ڪنهن هڪ مذهب، ٻولي يا نسل جي ميراث ناهي اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان اُن وقت ئي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪندو، جڏهن ملڪ جي هر شهري کي اِهو احساس هوندو ته هيءُ ملڪ جيترو ڪنهن ٻئي پاڪستاني جو آهي اوترو ئي سندس پنهنجو به آهي **پاڪستان هميشه زنده باد!**

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

گُڊز ٽرانسپورٽرن جي هڙتال ۽ مهانگائيءَ ۾ واڌ

ملڪ جي مختلف حصن ۾ گڊز ٽرانسپورٽرن جي هڙتال رڳو ٽرانسپورٽرن ۽ حڪومت وچ ۾ هڪ انتظامي تڪرار نه پر ملڪ جي معاشي سرگرمين لاءِ هڪ اهم امتحان بڻجي ويو آهي. پورٽ قاسم تي موجود ڪيترن ئي ٽرانسپورٽرن پڻ پنهنجون گاڏيون بيهاري هڙتال ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي ٽرانسپورٽرن جو موقف آهي ته سندن مطالبا تسليم ٿيڻ تائين پُرامن هڙتال اڻ ڄاڻايل مدي تائين جاري رهندي ٻئي طرف حڪومت به صورتحال جي سنگينيءَ کي محسوس ڪندي آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد سان ڳالهين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي وفاقي حڪومت طرفان ڳالهين ۾ مواصلات واري وزير عبدالعليم خان، پيٽروليم واري وزير پرويز علي ملڪ، پورٽ اينڊ شپنگ واري وزارت ۽ ناڻي واري وزارت جا نمائندا شريڪ آهن جڏهن ته ٽرانسپورٽ اتحاد طرفان صدر ملڪ شهزاد اعوان ۽ ٻين اڳواڻن ڳالهين ۾ حصو ورتو آهي حڪومت ۽ ٽرانسپورٽرن وچ ۾ ڳالهين جو شروع ٿيڻ يقيناً هڪ مثبت قدم آهي ڇاڪاڻ ته ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال ڪنهن به اهڙي ڊگهي هڙتال جي متحمل نٿي ٿي سگهي جيڪا صنعت، واپار ۽ عام صارف تائين سامان جي فراهمي کي متاثر ڪري. پر اصل ضرورت رڳو ڳالهين جي شروعات نه پر انهن ڳالهين مان اهڙو قابلِ عمل حل ڪڍڻ آهي جيڪو ٽرانسپورٽرن جا جائز مسئلا به حل ڪري ۽ ملڪ جي معاشي سرگرمين کي به بنا رڪاوٽ جاري رکي ٻئي طرف حڪومت لاءِ به صورتحال آسان ناهي جيڪڏهن ٽرانسپورٽرن جا سمورا مطالبا بنا غور ۽ مالي اثرن جي تسليم ڪيا وڃن ته ان جا اثر سرڪاري ناڻي واپاري نظام ۽ شين جي قيمتن تي پئجي سگهن ٿا، تنهن ڪري حڪومت کي هڪ اهڙي متوازن پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ ٽرانسپورٽرن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪرڻ سان گڏ معاشي استحڪام کي به نظرانداز نه ڪيو وڃي هن وقت سڀ کان وڏو خدشو سپلاءِ چين جي متاثر ٿيڻ جو آهي ملڪ ۾ روزانو هزارين ٽن سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿئي ٿو بندرگاهن تي ايندڙ درآمدي سامان، ڪارخانن لاءِ خام مال، زرعي پيداوار، ميوا، ڀاڄيون، دوائون، تعميراتي سامان ۽ روزمره جي استعمال جون ٻيون شيون مال بردار گاڏين ذريعي مارڪيٽن تائين پهچن ٿيون هتي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته حڪومت کي ٽرانسپورٽرن جي مسئلن کي رڳو احتجاج ختم ڪرائڻ جي نقطهءِ نظر سان نه پر ڊگهي مدي واري پاليسي تحت ڏسڻ گهرجي جيڪڏهن ٽرانسپورٽ شعبي جا بنيادي مسئلا حل نه ڪيا ويا ته مستقبل ۾ به اهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي ٽرانسپورٽرن کي به پنهنجي جائز مطالبن لاءِ پرامن احتجاج جو حق حاصل آهي پر ساڳئي وقت کين اهو به سوچڻو پوندو ته هڙتال جو سڀ کان وڌيڪ بار ڪنهن تي پوي ٿو گاڏيون بيهارڻ سان حڪومت کان وڌيڪ عام ماڻهو، آبادگار، ننڍو واپاري، مزدور ۽ صارف متاثر ٿين ٿا. تنهن ڪري ڳالهين جو دروازو کليل رکڻ ۽ مسئلن جو حل ميز تي ڳولڻ ئي سڀني ڌرين جي مفاد ۾ آهي جيڪڏهن حڪومت ۽ ٽرانسپورٽرن وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين مان ڪو مثبت نتيجو نڪري ٿو ته ان سان نه رڳو روڊن تي بيٺل گاڏيون ٻيهر هلنديون پر ملڪ جي صنعت، واپار ۽ معيشت جو ڦيٿو به ٻيهر گردش ڪرڻ شروع ڪندو.

زوهيب علي پنڊ/ ڪراچي

سنڌ جا حق ۽ وفاق جي بقا

محمد خان ابڙو

پاڪستان هن وقت پنهنجي تاريخ جي هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي معيشت دٻاءَ هيٺ آهي بيروزگاري وڌي رهي آهي مهانگائي عام ماڻهوءَ جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي دهشتگردي ٻيهر ڪر کڻي رهي آهي پاڻيءَ جي ورهاست بابت تڪرار شدت اختيار ڪري رهيا آهن وفاقي وحدتن وچ ۾ اعتماد جي فضا ڪمزور ٿي رهي آهي ۽ عوام جي بنيادي ترجيح روزگار، امن تعليم ۽ صحت بڻيل آهن اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن قومي بحث جو رُخ اوچتو نون صوبن ڏانهن موڙيو وڃي ته اهو سوال اٿڻ فطري آهي ته ڇا واقعي پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو ئي آهي يا وري اصل مسئلن تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي؟ سنڌ جي سياسي شعور کان واقف هر ماڻهو ڄاڻي ٿو ته هن صوبي هميشه وفاق کي مضبوط ڏسڻ جي خواهش ڪئي آهي پر ساڳئي وقت پنهنجي آئيني حقن وسيلن ثقافت ۽ سڃاڻپ تي ڪڏهن به سوديبازي ناهي ڪئي اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به ڪنهن وفاقي شخصيت طرفان نظام جي ناڪامي يا نون صوبن جهڙي حساس موضوع تي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته سنڌ ۾ ان جا سياسي اثر رڳو هڪ بيان تائين محدود نٿا رهن پر انهن کي تاريخي پسمنظر جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي ٿو.

هڪ سنڌي قومپرست ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حاميءَ جي حيثيت سان سڀ کان پهريون سوال اهو ئي پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن نظام واقعي ناڪام آهي ته ان جي ذميواري ڪنهن تي لاڳو ٿئي ٿي؟ ڇا آئين ناڪام ٿيو آهي يا آئين تي عملدرآمد ناڪام ٿيو آهي؟ ڇا صوبائي خودمختياري ناڪام ٿي آهي يا ان کي مڪمل طور تي لاڳو ئي نه ڪيو ويو آهي؟ ڇا 18هين آئيني ترميم ناڪام ٿي آهي يا اڄ به ان کي دل سان قبول نه ڪيو ويو آهي؟ پاڪستان ۾ بار بار ثابت ٿي چڪو آهي ته ادارن جي ڪمزوريءَ جو علاج آئيني ڍانچو ٽوڙڻ نه پر آئيني ادارن کي مضبوط ڪرڻ آهي جيڪڏهن هر انتظامي مسئلي جو جواب نيون سرحدون ڪڍڻ هجي ها ته دنيا جو هر ملڪ هر ڏهن سالن کانپوءِ پنهنجا نقشا تبديل ڪري رهيو هجي ها. هتي هڪ اهم پهلو غور طلب آهي افغانستان ۾ 34 صوبا آهن ڇا وڌيڪ صوبا هجڻ سبب افغانستان ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڌيڪ مستحڪم ۽ خوشحال ملڪ بڻجي ويو آهي؟ جواب سڀني جي سامهون آهي ڪيترن ئي ڏهاڪن جي جنگ، سياسي عدمِ استحڪام، ڪمزور ادارن ۽ معاشي بحران ثابت ڪيو آهي ته رڳو انتظامي وحدتن جو تعداد ترقيءَ جي ضمانت نٿو بڻجي ٻئي طرف بنگلاديش ۾ صوبن جو نظام ئي موجود ناهي اتي رڳو 8 انتظامي ڊويزن آهن ان باوجود گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران هن ملڪ ۾ برآمدات، عورتن جي معاشي شموليت، ٽيڪسٽائيل صنعت، بنيادي صحت، تعليم ۽ ڪيترن ئي سماجي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ترقيءَ جو تعلق نقشي تي نيون ليڪون ڪڍڻ کان وڌيڪ بهتر حڪمراني پاليسين جو تسلسل سيڙپڪاري، قانون جي حڪمراني ۽ ادارن جي صلاحيت سان آهي تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو اهو تاثر ڏئي ٿو ته پاڪستان جي مسئلن جو بنيادي حل نوان صوبا آهن ته اهو گهٽ ۾ گهٽ هڪ اڌورو تجزيو ضرور آهي اصل سوال اهو هجڻ گهرجي ته موجوده صوبن کي آئين تحت حاصل اختيار مڪمل طور تي ڇو نٿا ڏنا وڃن؟ گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) جا اجلاس باقاعدگيءَ سان ڇو نٿا ٿين؟ اين ايف سي ايوارڊ ۾ دير ڇو ٿئي ٿي؟ پاڻيءَ جي ورهاست بابت آئيني طريقيڪار تي مڪمل عمل ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ مقامي حڪومتن کي اثرائتا مالي ۽ انتظامي اختيار ڇو نٿا ڏنا وڃن؟ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو موقف پڻ مسلسل اهو ئي رهيو آهي ته وفاق کي مضبوط ڪرڻو آهي ته 1973ع جي آئين جي روح تي عمل ڪيو وڃي 18هين آئيني ترميم ڪنهن هڪ جماعت جي نه پر وفاق جي بقا جي علامت آهي جيڪڏهن هن ترميم تحت منتقل ڪيل اختيارن تي مڪمل عملدرآمد ڪيو وڃي ها، مالي وسيلن جي منصفاڻي ورهاست يقيني بڻائي وڃي ها ۽ صوبن کي سندن آئيني حق ڏنا وڃن ها ته ڪيترائي انتظامي مسئلا پاڻمرادو گهٽجي سگهيا پئي. نون صوبن جو بحث ان وقت وڌيڪ معنيٰ خيز هجي ها، جڏهن ملڪ ۾ انتظامي انصاف، مالي خودمختياري، مقامي حڪومتن جي مضبوطي ۽ آئيني ادارن جي ڪارڪردگي پنهنجي بهترين شڪل ۾ موجود هجي ها. پر جڏهن موجوده آئيني ذميواريون ئي مڪمل طور ادا نه ٿي رهيون هجن ته نئين ورهاست جي بحث مان عوام جي بنيادي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ جو تاثر پيدا ٿئي ٿو سنڌ رڳو زمين جو هڪ ٽڪرو ناهي پر هزارين سالن تي پکڙيل تهذيب، ٻولي، ادب، ثقافت ۽ تاريخي سڃاڻپ جي امين ڌرتي آهي سنڌ بابت ڪا به سياسي يا انتظامي تجويز رڳو انتظامي معاملو نه هوندي پر ان جا سماجي، تاريخي ۽ قومي اثر پڻ هوندا ان ڪري اهڙن معاملن تي غيرمعمولي احتياط، وسيع سياسي اتفاقِ راءِ ۽ آئيني طريقيڪار لازمي آهي جيڪڏهن واقعي نظام ۾ خرابي آهي ته انهيءَ جو علاج اهو آهي ته پوليس، معزز عدالتون، تعليم، صحت، بلدياتي ادارن، سول سروس، روينيو نظام ۽ احتسابي ڍانچي ۾ سڌارا آندا وڃن نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي، صنعت کي هٿي ڏني وڃي، پاڻيءَ جو تڪرار آئين موجب حل ڪيو وڃي ۽ هر صوبي کي اهو يقين ڏياريو وڃي ته وفاق ان سان برابريءَ وارو ورتاءُ ڪندو.

پاڪستان جي وحدت ان وقت مضبوط ٿيندي، جڏهن بلوچستان پاڻ کي محفوظ محسوس ڪندو، خيبر پختونخوا پاڻ کي برابر جو شريڪ سمجهندو، پنجاب پنهنجي اڪثريتي حيثيت سان وفاقي توازن جو محافظ بڻجندو ۽ سنڌ کي اهو اعتماد حاصل هوندو ته ان جي آئيني، معاشي ۽ ثقافتي حقن تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي.

لطيفي لاٽ ــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

تَارا تِرَ تِروڪَڙِيَون، مَـعَـن ڦُلِڙِيَون،
گوءِ مَـي رَاتـڙِيَـون، جَي مَان پَـيـئَون پِـريـنءَ رَيِ.

لطيف سائين پنهنجي محبوب، پنهنجي پرينءَ جي سونهن حُسن سان گڏ سينگار جي آميزش بڻائي ٿو جيڪا ان جي خوبصورتيءَ ۾ اڃا به واڌارو ڪري ٿي "محبوب جي اکين جون خوبصورت ماڪيون، سونهن ڀريل پيشانيءَ تي تِرَ ۽ سوئيڙين سان نڪتل مختلف رنگن (ميڻي، مساڳ ۽ سرمي) مان نڪتل تروڪڙيون ۽ انهن مٿان يا پاسن کان ڪمال ڪاريگريءَ سان ٺاهيل ننڍڙيون ننڍڙيون ڦلڙيون! ڇا ته منهنجي محبوب جي حُسن کي هيڪاندو ڪيو اٿن پر هن اڪيلائيءَ تي افسوس صد افسوس، اهي راتيون ئي هن پيون گهوريون منهنجي ڪهڙي ڪم جون جيڪي پرينءَ کان سواءِ گذاريان پيو پيار ۾ اڪيلائي ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي هوندي، پرين به لطيف سائينءَ جي بيان ڪيل وسبن وارو هجي ۽ پهچ کان پري هجي ته پوءِ اهي راتيون جهنم جهڙيون ئي ٿين ٿيون.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سنڌ جون هنرمند عورتون!



نور سنڌي

سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي سونهن رڳو گيتن، وڻن، اوطاقن، لوڪ گيتن ۽ ميلن ۾ نه هئي پر انهن گهرن اندر ويٺل انهن هنرمند عورتن جي هٿن ۾ به هئي، جيڪي پنهنجي آڱرين جي هنر سان ڪپڙي، ڌاڳي، سُئي ۽ رنگن کي اهڙي تخليق ۾ بدلائينديون هيون، جنهن ۾ سنڌ جي ثقافت، عورت جي محنت ۽ نسلن جي روايت گڏ نظر ايندي هئي رلي، ڀرت، گندين تي لاڙ، ارٽ تي ڪپڙو ناهڻ، اڳٺ ۽ هٿ جي ٻين ڪيترن ئي هنرن سنڌ جي عورت جي زندگيءَ جو حصو رهيا آهن. اڄ به سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اهي هنر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهن پر ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ انهن جو دائرو تمام گهڻو محدود ٿي ويو آهي. هڪ وقت هو، جڏهن تقريبن هر ڳوٺ ۽ هر گهر ۾ تقريبن يا ڪجهه عورتن کي هٿ جو هنر ايندو هو. ڪنهن کي رلي ناهڻ ايندي هئي ڪنهن کي ڀرت ڀرڻ، ڪنهن کي گنديءَ تي لاڙ لڳائڻ، اڳٺ ناهڻ ته ڪنهن کي ارٽ تي ڪپڙو ناهڻ يا ڪپهه سان لاڳاپيل ٻيا ڪم ايندا هئا. اهي هنر عورتن لاءِ رڳو وقت گذارڻ نه هئا پر گهر جي ضرورت، ثقافتي سڃاڻپ ۽ آمدنيءَ جو ذريعو پڻ هئا. مائرون نياڻين کي هنر سيکارينديون هيون. پراڻي ڳوٺاڻي سماج ۾ نياڻيءَ جي تربيت جو هڪ اهم حصو هنر سکڻ به هوندو هو. نياڻيون ننڍي عمر کان ماءُ، ناني، ڏاڏي يا گهر جي ٻين وڏين عورتن وٽ ويهي هٿ جو ڪم ڏسنديون ۽ آهستي آهستي پاڻ به سکڻ لڳنديون هيون. جيڪڏهن ڪا نياڻي هنر سکڻ ۾ دلچسپي نه وٺندي هئي ته ماءُ کيس پيار سان چوندي هئي: "امان، هنر سِک، سياڻي ڪم ايندءِ." اهي لفظ ان دور جي سماجي سوچ جي عڪاسي ڪندا هئا. مائرون سمجهنديون هيون ته نياڻيءَ وٽ ڪو اهڙو هنر ضرور هجي، جيڪو هوءَ شاديءَ کان پوءِ پنهنجي نئين گهر ۾ به ڪم آڻي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن مائرون اهو به چونديون هيون ته جيڪڏهن نياڻيءَ کي مائٽن هنر نه سيکاريو ته شاديءَ کان پوءِ ساهرن وٽان اهو سوال ٿي سگهي ٿو ته "مائٽن نياڻيءَ کي ڇا سيکاريو؟" ان ڪري هنر سکڻ نياڻيءَ جي تربيت جو حصو سمجهيو ويندو هو. گهر ئي سکيا جو مرڪز هو. سنڌ جي هنرمند عورتن جي دنيا رڳو رلي ۽ ڀرت تائين محدود نه هئي. ماضيءَ ۾ سنڌ جون عورتون ارٽ تي ڪپڙو به ناهينديون هيون. ڪپهه سان لاڳاپيل مختلف مرحلن کان پوءِ ڌاڳو تيار ٿيندو هو ۽ ارٽ تي ان مان ڪپڙو ناهڻ جو هنر به گهرن ۾ موجود هو. ارٽ تي ڪپڙو ناهڻ ۾ صبر، مهارت ۽ مسلسل محنت جي ضرورت هوندي هئي. ان زماني ۾ بازار مان هر شيءِ تيار ٿيل خريد ڪرڻ جو رواج اڄ جهڙو عام نه هو. تنهنڪري گهرجون عورتون پنهنجي ضرورتن جو وڏو حصو هٿ جي هنر سان پورو ڪنديون هيون. سنڌ جي پراڻي هنر جي سڀ کان وڏي ادبي شاهدي اسان کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿي. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪپهه، ڌاڳي ۽ عورت جي محنت کي رڳو گهريلو ڪم جي طور تي پيش نه ڪيو پر ان کي فڪر ۽ روحاني معنائن سان ڳنڍي ڇڏيو. سرڪاپائتيءَ جي داستان ۾ ڪپهه، سوٽ ۽ ڪپڙي سان لاڳاپيل عورت جي محنت سنڌ جي ان سماج جو عڪس آهي، جتي عورت پنهنجي هٿن سان ڌاڳو ڪاتي، هنر سان زندگيءَ کي سنواري ۽ پنهنجي پورهئي سان گهر جي ضرورت پوري ڪندي هئي. لطيف وٽ ڪپهه رڳو فصل ناهي، ڌاڳو رڳو ڌاڳو ناهي ۽ ڪپڙو رڳو ڪپڙو ناهي. انهن ۾ محنت، صبر، انتظار، سچائي ۽ زندگيءَ جي فڪر جا ڪيترائي پاسا لڪل آهن. اهڙيءَ طرح شاهه لطيف سنڌ جي هنرمند عورت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي جاءِ ڏني، جيڪا صدين کان پوءِ به زنده آهي. اڄ ارٽ جو آواز ڪيترن گهرن مان خاموش ٿي ويو آهي پر ڪاپائتيءَ جي صورت ۾ ان هنر جي گونج لطيف جي ڪلام ۾ اڃا به موجود آهي. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڀرت جا نمونا، رنگ ۽ انداز به مختلف رهيا آهن ان ڪري سنڌ جو ڀرت وارو هنر پاڻ ۾ هڪ وڏي ثقافتي گهڻ رنگي رکي ٿو. سنڌ جي عورتن جي هٿ جي هنر ۾ رلي ۽ ڀرت کان سواءِ گندين تي لاڙ لڳائڻ، ڪپڙن جي سينگار، ڌاڳن سان مختلف نمونا ناهڻ اڳٺ ناهڻ ۽ گهر جي استعمال جي شين کي هٿ جي ڪم سان خوبصورت بڻائڻ به شامل هو. اهي هنر ڪنهن ڪتاب مان نه پر گهر اندر نسلن کان نسلن تائين منتقل ٿيندا هئا. ننڍيون ڇوڪريون وڏين عورتن کي ڪم ڪندي ڏسنديون، سوال ڪنديون، هٿ وڌائينديون ۽ آهستي آهستي پاڻ هنر سکي وٺنديون هيون اهڙيءَ طرح سنڌ جي ثقافت جو وڏو حصو عورتن جي هٿن ۾ محفوظ رهيو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اڄ هنر موجود آهي پر محدود ڇو آهي؟ هيو وڏو مسئلو خام مال جي وڌندڙ قيمت آهي ڪپڙو، ڌاڳو، رنگ، سُئي ۽ ٻيو سامان مهانگو ٿيندو وڃي ٿو پر هٿ جي ٺهيل شيءِ جي قيمت ان حساب سان نٿي وڌي، نتيجي ۾ عورت جي محنت جو صحيح معاوضو نٿو ملي ۽ نئين نسل ۾ اهو خيال پيدا ٿئي ٿو ته ايتري محنت جي مقابلي ۾ آمدني گهٽ آهي. سنڌ سرڪار کي گهرجي ته هر ضلعي ۽ تعلقي ۾ عورتن جي هٿ جي هنر جا تربيت، پيداوار ۽ وڪري جا مرڪز قائم ڪري، انهن مرڪزن ۾ روايتي هنر محفوظ ڪرڻ سان گڏ جديد ڊزائين، رنگن جي چونڊ، معيار، پيڪنگ، مارڪيٽنگ، آن لائين ڪاروبار ۽ برآمد بابت تربيت ڏني وڃي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا هنرمند عورتن کان مناسب اگهه تي شيون خريد ڪري سگهن ٿا، سرڪاري تحفن، ثقافتي پروگرامن ۽ سرڪاري نمائشن ۾ سنڌ جي مقامي هنر کي ترجيح ڏئي سگهن. ان سان گڏ هنرمند عورتن جي رجسٽري ۽ سڃاڻپ جو نظام قائم ڪيو وڃي جيئن سرڪاري سهولتون واقعي انهن عورتن تائين پهچن، جيڪي عملي طور تي اهو هنر ڪري رهيون آهن. وڏين عمر جي هنرمند عورتن کي اسڪولن ۾ گهرائي نئين نسل کي رلي، ڀرت ۽ ٻين روايتي هنرن جي سکيا ڏني وڃي. اهڙيءَ طرح هنر رڳو ماضيءَ جي يادگار نه رهندو پر نئين نسل جي هٿن ۾ منتقل ٿيندو. سنڌ سرڪار، ثقافت کاتو ۽ عورتن، صنعت، واپار، فني تربيت ۽ ننڍي ڪاروبار سان لاڳاپيل ادارا جيڪڏهن گڏجي هڪ جامع منصوبو

اڄوڪو ڏينهن ــــ 12 آگسٽ

سيد ويڙل شاهه موسوي

سيد ويڙل شاهه موسوي هڪ محنتي استاد، عالم، اديب ۽ صحافي هو هن جي ولادت 27 آگسٽ 1872ع تي روهڙيءَ ۾ ٿي اڃا ڏهن سالن جو مس هو جو سندس والد سيد مريد علي شاهه وفات ڪئي ان وقت جي دستور مطابق فارسي، عربي ۽ سنڌي مقامي مدرسي ۾ پڙهيو سنڌي فائنل جو امتحان به پاس ڪيائين هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي پاڻ ميونسپل ورنيڪيولر اسڪول روهڙيءَ جو هيڊماستر رهيو ۽ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور رٽائر ٿيو پاڻ سکر جي "انجمن حيدري" جي بنيادي ميمبرن مان هو هن ايران، عراق ۽ شام جي مقدس مقامات جي زيارت جو به شرف حاصل ڪيو هن سکر جي ميونسپلٽي ۽ تعلقي لوڪل بورڊ جي ميمبر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ "صراط مستقيم" نالي هڪ ماهوار رسالو روهڙيءَ مان جاري ڪيو، ڪجهه عرصي تائين انهيءَ رسالي جو ايڊيٽر پڻ رهيو هو هڪ بهترين مضمون نگار هو ٿوري گهڻي شاعري به ڪيائين هن 12 آگسٽ 1946ع تي راهِ رباني ورتي.

اسير ملاح

اڄ مشهور شاعر ۽ اديب اسير ملاح جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 6 مئي 1957ع تي تعلقي ڪوٽڙي، ضلعي ڄامشوري جي ڳوٺ ڪاري ڪهيءَ ۾ چيتي خان ميربحر جي گهر ۾ ڄائو سندس ڇٽيءَ جو نالو محمد ابراهيم ميربحر هو هن پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو 1987ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪيائين 1969ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتائين سندس شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻيون مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون سندس ڪجهه گيت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد مختلف راڳين جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيا سنڌ جي درياهي ٻوليءَ، ٻيڙين، مهڻين ۽ درياهي شڪار جي وڏي ڄاڻ حاصل هئس سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪرتيءَ جا گيت" ڇپجي چڪو آهي 12 آگسٽ 2009ع تي سندس جيون جي تند ٽٽي پئي.

فتاح ملڪ

اڄ مشهور قانوندان ۽ ناميارو ليکڪ عبدالفتاح ملڪ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي فتاح ملڪ 3 مارچ 1939ع تي پنو عاقل شهر ۾ غلام قادر ملڪ جي گهر ۾ اکيون کوليون ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پنو عاقل مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين ان بعد اسلاميه ڪاليج سکر مان بي اي ۽ لا ڪاليج حيدرآباد مان قانون جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪلارڪ طور ڪيائين ان بعد ڪجهه عرصو اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪيائين اڳتي هلي اها نوڪري ڇڏي سکر ۾ وڪالت شروع ڪيائين پاڻ سکر بار جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جو صدر پڻ رهيو اڳتي هلي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ طور خدمتون سرانجام ڏنيون فتاح ملڪ ڪي تنديڙ ڪان ئي ادب سان ...

شعور مهر

مختيار اٽر

هن شاعر ۽ ليکڪ جو اصل نالو عبدالجبار ولد پاٺهون خان مهر آهي ۽ سندس جنم 12 آگسٽ 1976ع تي پراڻي سکر ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي) تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ادبي دنيا ۾ هڪ سٺي شاعر طور مشهور آهي هن جي شاعريءَ ۾ غزل، وايون، گيت، هائيڪا، ٽيڙو ۽ دوها وغيره شامل آهن هن جي شاعري سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورين سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي هن سچل سرمستيءَ جي ڪافين جو ڪتاب پڻ ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي.

فقير شاهه نواز نظاماڻي

فقير شاهه نواز نظاماڻي سانگهڙ جو مشهور اديب، محقق ۽ سماج سڌارڪ آهي پاڻ پير سائين پاڳاري جي حر جماعت سان واسطو رکي ٿو سندس پيدائش سانگهڙ شهر ۾ 12 آگسٽ 1978ع تي ٿي ٻارهين ڪلاس تائين سانگهڙ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان تعليم حاصل ڪيائين اڳتي هلي اسلامڪ ڪلچر ۽ سنڌيءَ ۾ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين لکڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي رهيس خاص طور تي حرن جي تاريخي جدوجهد ۽ پير پاڳارن جي تاريخ سندس پسنديده موضوع رهيا آهن حر سوسائٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن ۽ جنرل سيڪريٽري رهيو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "پير سائين پاڳاري جا خطاب"، "پير صاحب پڳارا-سياست کي امين" (اردو) ۽ "پير پاڳارو-محسنِ ملت اور اهلِ قلم (اردو) شامل آهن.

عريشا شاهه

عريشه شاهه سنڌ جي مشهور مصوره، آرٽسٽ، ناول نگار ۽ شاعره آهي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1987ع ۾ سيد ايڇ ڊي شاهه بخاريءَ جي گهر ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن فائن آرٽس جي شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي هن جو شمار پاڪستان جي بهترين مصورائن ۾ ٿئي ٿو هن سنڌيا مئگزين جي چيف ايڊيٽر ۽ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليبر ايجوڪيشن اينڊ ريسرچ ۾ ڊائريڪٽر طور ذميداريون سنڀاليون ۽ ان بعد همدم فائونڊيشن حيدرآباد ۾ پروگرام ڊولپمينٽ مئنيجر طور ذميداريون سنڀاليائين مصوريءَ سان گڏ هن ادبي دنيا ۾ به هڪ ناول نگار، شاعره، ڪالم نگار ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي سندس سنڌي، اردو ۽ انگريزي تخليقون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن سندس هڪ ناول "معصوم گناهه" ڇپجي چڪو آهي.

عاليه چنڊ

اڄ مشهور اداڪاره عاليه چنڊ پنهنجي سالگرهه ملهائي رهي آهي هوءَ 12 آگسٽ 1983ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿي ڪيس اداڪاريءَ جي ...

نواز ڪنڀر

نواز ڪنڀر سنڌ جو مشهور ليکڪ، محقق ۽ تعليمي ماهر آهي هو 12 آگسٽ 1965ع تي ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ نواب اڪبر بگٽي ڳوٺ ۾ محمد موسيٰ ڪنڀر جي گهر ۾ خوشيون کڻي آيو سندس وڏا اصل ۾ ڇاڇري تعلقي جا رهواسي هئا هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سانگهڙ مان پاس ڪيائين ٻارهين ڪلاس ۽ بي اي جا امتحان سانگهڙ جي ڊگري ڪاليج مان پاس ڪيائين ۽ ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان اڪنامڪس ۽ رورل ڊولپمينٽ وارن شعبن ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيائين هن شروع ۾ مختلف کاتن ۾ ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيون ۽ 1993ع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪندي پروفيسر جي عهدي تائين پهتو هو ڪجهه عرصو ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر ڪاليجز پڻ رهيو هن ننڍي هوندي کان ئي ادبي دنيا ۾ پير پاتو شروع ۾ شاعري ڪيائين پر پوءِ نثر سان سندس نينهن لڳي ويو سندس پهرين ڪهاڻي ٻارڙن جي رسالي گل ڦل ۾ شايع ٿي هن ماحوليات، تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ ٻين موضوعن تي 15 کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن ان کان علاوه هو سانگهڙ جي هاٽ ايف-ايم 105.2 جو مشهور ڪمپيئر پڻ رهيو آهي.

انعام ٽڪرائي

اڄ مشهور اديب، اداڪار ۽ نوح خوان انعام ٽڪرائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 12 آگسٽ 1966ع تي ٽڪڙ ۾ ڄائو سندس پورو نالو احمد علي ڳنڀير ولد محمد خان ڳنڀير هو. هن اٺ درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا ۽ مئٽرڪ جو امتحان ٽنڊو محمد خان مان پاس ڪيو هن جي عمر جو گهڻو حصو غربت ۾ گذريو پيٽ پالڻ لاءِ هن مشهور شاعر تاج ٽڪرائيءَ جي هوٽل تي بيري طور ڪم ڪيو ۽ انهيءَ ئي هوٽل تي مرحوم تاج ٽڪرائيءَ جي صحبت ۽ سرپرستيءَ ۾ شعر لکڻ شروع ڪيائين هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي گيت، وايون، نظم، سانيٽ، هائيڪا، پنجڪڙا، رباعيون، آزاد نظم، مرثيا، نثري نظم، سهرا ۽ ٽيڙو وغيره سندس شاعريءَ جو حصو آهن سنڌيءَ سان گڏ سرائيڪي ۽ پنجابيءَ ۾ به شاعري ڪيائين سندس شاعريءَ جو مجموعو "رلي رلي جهان ڏٺم" 1998ع ۾ ڇپيو هن ڪجهه مزاحيه ڪهاڻيون ۽ ڪالم به لکيا ۽ اسٽيج ۽ ٽيليوزن تي اداڪار ۽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو هن نوحه خوانيءَ ۾ به چڱو نالو ڪڍيو 8 اپريل 2021ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين.

عباس سارنگ

هن نامور ڪهاڻيڪار جو جنم 12 آگسٽ 1972ع تي رسول بخش سومري جي گهر جيڪب آباد ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم جيڪب آباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ...

ٻهاول لغاري

هن مشهور شاعر جو جنم 12 آگسٽ 1940ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ بجراڻي لغاريءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ سنڌي فائنل جو امتحان پراڻي ڳچيري مان پاس ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان موري مان پاس ڪيائين، جڏهن ته بي اي، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي اڳتي هلي جونيئر اسڪول ٽيچر ۽ هاءِ اسڪول ٽيچر طور پنهنجون ذميداريون سنڀاليائين هو پنهنجي تر جي مشهور شاعر ۽ سماج سڌارڪ طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پنهنجي ڳوٺ جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ جا ڪيترائي ڪم ڪيائين هن سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ شاعري ڪئي آهي سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "عشق مون ايمان"، "عشق مون اٿاڪ" ۽ "عشق ميڊا اسرار" شامل آهن هن ڪيترون ئي ڪهاڻيون به لکيون، جيڪي سندس ڪهاڻين جي ڪتاب "اُوري آس" ۾ پڙهي سگهجن ٿيون.

شاهنواز شاد

هن مشهور ليکڪ ۽ شاعر اڄوڪي ڏينهن تي 1942ع ۾ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ طيب ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان رستم شهر مان پاس ڪيائين اڳتي هلي هسٽري ۽ انگريزيءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين بي ايڊ جي سند به حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ان بعد ترقي ڪري پهريائين جونيئر اسڪول ٽيچر ۽ بعد ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو 1979ع ۾ تعليم کاتي ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي هلي پبلڪ اسڪول سکر جي وائيس پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن 1976ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ شاعر، مضمون نگار ۽ افسانا نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي هن 10 فيبروري 2004ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

عاجز ڪريم پوري

عاجز ڪريم پوري لاڙ جو مشهور اديب، پبلشر ۽ صحافي آهي هن اڄوڪي ڏينهن تي 1954ع ۾ سڄاول تعلقي جي ڳوٺ ڪريم پور ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ هاءِ اسڪول جي استاد طور رٽائر ٿيو هن جو اصل نالو اهڃڻو ولد محمد جمن شورو آهي سنڌي ادبي دنيا ۾ عاجز ڪريم پوريءَ جي نالي سان مشهور آهي هن سنڌ ادبي سنگت سڄاول جو بنياد وڌو جڏهن ته سنڌي ادبي سنگت سان به سندس سلهاڙ رهيو آهي هن ٺٽي ۾ ماجر پبليڪيشن قائم ڪري مختلف ادبي رسالا ۽ ڪتاب ڇپرايا.

عبدالعزيز نظاماڻي

هن ٽليواڙي شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 12 آگسٽ 1958ع ۾ ماتليءَ ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين ماتليءَ جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهيو ان بعد ٽنڊو جان محمد جي ڊگري ڪاليج مان انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي جا امتحان پاس ڪيائين ...

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج ڄامشورو
گارڊين سوٽ نمبر 32سال 2026

مسمات زاهدان.. پلينٽف. بخلاف جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپونٽنس (1) بيبي مريم ڌيءُ خدا بخش شورو (مرحوم) (2) بابا مظهر ولد خدا بخش شورو (مرحوم) (3) بابا حسين ولد خدا بخش شورو (مرحوم) ... مائنر / وارڊ

مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج II ٽنڊو الهيار
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

شهباز علي ولد امير بخش ذات ميرجت رهندڙ ڳوٺ دولت خان ميرجت تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار.. اپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات زاڪره ڌيءُ امير بخش زال ريحان علي (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپونٽنس (1) مسڪان ڌيءُ امير بخش عمر 15 سال (2) بختاور ڌيءُ امير بخش عمر 13 سال (3) بينظير ڌيءُ امير بخش عمر 12 سال.. مائنر / وارڊ

مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان گارڊين درخواست زير قلم 17،7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏڳهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 35 سال 2026

مسمات بيگم خاتون ڌيءُ لال خان ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ لال خان چانڊيو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف. بخلاف. محمد خالد ولد سومر ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ لال خان چانڊيو تعلقو جهڏو .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري ڊاور اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 28 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 307 سال 2017

مسمات شاهده ڌيءُ محمد هاشم رهندڙ ڪالوني لائن پار نوابشاه .. پلينٽف. بخلاف. غلام رسول ولد راڄ محمد ڪيريو رهندڙ ڳوٺ ڪٽڻ موري تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ايگزيڪيوشن زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول /فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 106 سال 2026

مسمات صبا ڌيءُ محمد علي لاکو رهندڙ مدينه مسجد انصاري محلو نزد حبيب بينڪ تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف. بخلاف. حسنين ولد محمد امين ڪيريو رهندڙ ڳوٺ جمال ڏاهري بروچ باغ تعلقو مٽياري .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول /فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 99 سال 2026

مسمات نوشين ڌيءُ محمد يار رهندڙ سخي مراد شاه هالا تعلقو هالا ضلعومٽياري .. پلينٽف. بخلاف. افضل خمان رهندڙ سخي مراد شاه هالا تعلقو هالا ضلعومٽياري .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ڪانجوگل رائيٽس، رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ، مينٽيننس، رڪوري ميڊيڪل اينڊ ڊليوري ايڪسپينس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ذوالفقار علي ولد خير محمد ٻرڙو ويڙهل باڻو خان پناهڻ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي خير محمد ولد محمد سومار ٻرڙو جيڪو تاريخ 02-02-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ڪٽي تپو اي نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) ذوالفقار علي پٽ (2) محمد ابراهيم (پٽ) (3) شاهنواز (پٽ) (4) مسمات حوا (ڌي) (5) مسمات صبيه (ڌي) (6) مسمات رقيه (ڌي) (7) مسمات ماروي (ڌي) (8) مسمات حميده (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) گل محمد ولد غلام مصطفيٰ (2) غلام نبي ولد صاحبڏنو جن باڻو خان پناهڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي شير خان ولد وڪيو پٽي ويڙهل ڏاتو پٽي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي وڪيو ولد ڏنو پٽي تاريخ 01-02-2019 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سترتپو مٽياري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) شير خان پٽي (پٽ) (2) علي شير پٽي (پٽ) (3) شير علي پٽي (پٽ) (4) گل پٽي (پٽ) (5) نثار احمد پٽي (پٽ) (6) مسمات فوزيه (ڌي) (7) مسمات سڪينه پٽي (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سنڌس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهي اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) الطاف پٽي (2) ڏاتو پٽي ڳوٺ ڏاتو پٽي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي ٽرانسڪرپٽ رجسٽريشن نمبر AR669506 رول نمبر 12STY00248 ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهي آهي اگر ڪنهن کي ملي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي ٿي صورت ۾ ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏني وڃي

عبيره ڌيءُ محمد حنيف شناختي ڪارڊ نمبر 4130767083504 رهندڙ گهر نمبر 100 بلاڪ بي يونٽ نمبر 9 لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رياض الحق ولد محمد ايوب ذات قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي محمد ايوب ولد محمد ياسين خان تاريخ 21-12-2000 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر وارڊ نمبر B ديهه A-290 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ/سروي نمبر C.S403 ۽ پلاٽ مان حصي موجب اراضي 1254 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه A-290 وارڊ B۾ ڪري اٿي ٻن شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) ضياء الحق (پٽ) (2) رياض الحق (پٽ) (3) عدنان ايوب (پٽ) (4) مسمات سميرا بانو (ڌي) (5) مسمات سنيعہ (ڌي) (6) مسمات عابده بانو (زال) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 29سال 2026

مسمات پروين ڌيءُ محمد بخش زال ولي محمد ذات ٿهيم رهندڙ ماروي ٽائون تعلقو ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف. بخلاف.. ولي محمد ولد منٺار ذات ٿهيم رهندڙ ڳوٺ شاهد خان ٿهيم لانڍهي اسٽاپ ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ .ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاور اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪنري
(روبرو جناب جي سورج)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات دعا ڌيءُ محمد اقبال ذات راجپوت رهندڙ محلو غريب آباد وارڊ نمبر 319 ڪنري.. پلينٽف.. بخلاف.. غلام مصطفيٰ ولد غلام شبير ذات شيخ رهندڙ وارڊ نمبر 11 محلو نواب ڪالوني محرابپور ضلعو نوشهروفيروز .ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪنري

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اعلان ذريعي اطلاع ٿا ڏيون ته اسان هيٺ صحيح ڪندڙ ۽ منهنجا پٽ نالي زاهد علي ولد عبدالرسول سان هر قسم جي ذاتي، مالي، ڪاروباري ۽ ڏيتي ليتي جي لاڳاپن کان لاتعلقي اختيار ڪريون ٿا.اڄ کان پوءِ زاهد علي سان اسان جو ڪنهن به قسم جو ذاتي، مالي يا ڪاروباري واسطو نه رهندو. جيڪڏهن زاهد علي اسان جي نالي، حوالي يا سڃاڻپ سان مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جو معاملو ڏيتي ليتي، قرض يا ٻيو ڪو واعدو ڪري ٿو ته ان جي ذميواري اسان تي نه هوندي ۽ اسان ان جا ڪنهن به قسم جا ذميوار نه هونداسين.هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

عبدالرسول ،محمد سليم، ياسين، محمد اسلم، پير بخش ۽ راشد علي ولد قليار لوتيرو.

بقايا 1 "روزاني عبرت"

وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو ڪيس سيٽ لائيٽ ٽائون ٿاڻي تي سرڪار پاران سب انسپيڪٽر اسلم راجپوت جي مدعيت ۾ 18 ڄاتل ۽ 25 کان 30 اڻڄاتل جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته گهر اندر فائرنگ جي واقعي دوران پوليس گهر اندر داخل ٿي ته جوابدارن ۽ فوتي فيضان جو لاش کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته واجد لغاري جي ٻچ تي جوابدارن شعيب رضا لغاري، توفيق لغاري، جمشيد لغاري، عباس لغاري، طارق علي لغاري، اظهر لغاري، معشوق لغاري، احمد لغاري، وسيم لغاري، صعيب لغاري، سجل لغاري، منير احمد، تيمور لغاري جوابدار ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪين ۽ اهلڪارن کي مارڪٽ ڪئي ۽ جوابدار واجد لغاري پوليس مٿان پسٽل سان فائر ڪيو. ايف آءِ آر ۾ اهو پڻ الزام لڳايو ويو آهي ته جوابدار اعجاز شر نور محمد مهر علي اڪبر شر ڄام شوڪت ابڙو پوليس سان مزاحمت ڪئي ۽ ماڻهن کي فوتي جو لاش ساڙڻ لاءِ اڪسايو رياست مخالف نعرا هنيا، پوليس تي حملو ڪري ڊيوٽيءَ ۾ رڪاوٽ ۽ فائرنگ ڪري دهشت پکيڙي. هوڏانهن پوليس ڄاڻايل ڪيس ۾ گرفتار ڏيکاريل 11 ڄڻن ڄام شوڪت ابڙو نور محمد مهر علي اڪبر شر منٺار نارو سجاد علي، ڪاشف، ذيشان، پرويز نوحاڻي ۽ پورل سنڌي کي عدالت ۾ پيش ڪيو ڄتان ڪين 23 آگسٽ تائين عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪليو ويو آهي.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

ٿي رهيون آهن. شهرين موجب گرڊ اسٽيشن تي مبينا طور خانگي ملازمن جي مقرري ۽ انتظامي مسئلن سبب بجلي جي فراهمي جو نظام متاثر ٿي رهيو آهي. ڏگهي لوڊشيڊنگ سبب گهرن ۽ مسجدن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ پيدا ٿي وئي آهي، جڏهن ته گرمي ۽ حبس سبب ٻزرگ، ٻار ۽ بيمار ماڻهو پڻ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. بجلي جي بار بار ۽ ڏگهي بندش سبب دڪاندارن ۽ ڪاروباري ماڻهن کي پڻ سخت مالي نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته بجلي جي غيراعلانيه لوڊشيڊنگ معمول واري زندگي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي، پر لاڳاپيل اختيارين طرفان هن وقت تائين ڪو به اثرائتو قدم نظر نه اچي رهيو آهي.علائقي واسين اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل بجلي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ڄام صادق علي گرڊ اسٽيشن مان ٿيندڙ ڏگهي غيراعلانيه لوڊشيڊنگ جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، بجلي جي فراهمي جو نظام بهتر بڻايو وڃي ۽ شهرين کي هن عذاب مان نجات ڏياري وڃي.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

رقم واپس ڪرائي وڃي، صوفي فنڪار فقير الهرکيو کوکر ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺي امن امان بحال ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائلون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي، مطالبو

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي .

بقايا 5 "روزاني عبرت"

گڏجي سنڌ جا وسيلا، زمينون ۽ پاڻي سنڌي قوم کان کسڻ ۽ هڪ صوبي جي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن سبب مظلوم قومن ۽ ننڍن صوبن جي عوام ۾ مايوسي وڌي رهي آهي ۽ ملڪي يڪجهتي کي نقصان پهچڻ جو انديشو وڌي ويو آهي. هنن چيو ته ملڪ ۾ هن وقت جمهوريت جي نالي ۾ مارشل لا لاڳو ٿيل آهي، جتي ماڻهن کي پنهنجي ذاتي ۽ اجتماعي مسئلن بابت آواز بلند ڪرڻ جي به آزادي حاصل ناهي. سنڌ کي سردارن، پوتارن ۽ جاگيردارن حوالي ڪري تعليمي ادارن کي تباهه ڪيو ويو آهي، جڏهن ته منشيات جي وڌندڙ وڪري ذريعي سنڌ جي نوجوان نسل کي تباهه ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. سنڌ ۾ منشيات عام ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن کي تباهه ڪرڻ هڪ گهري سازش آهي، جنهن جو مقصد سنڌ جي نوجوان نسل کي تعليم کان محروم ۽ جاهل رکڻ آهي. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي وسيلن، زمينن، پاڻي ۽ تعليمي ادارن جي تحفظ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن. ان

آهي، جنهن لاءِ هر اهل پار تائين پوليو ويڪسين جي رسائي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن پوليو مهم ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن جي محنت، لگن ۽ بهترين ڪارڪردگي کي ساراهيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي ۽ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ تي زور ڏنو

بقايا 22 "روزاني عبرت"

جي اڳواڻ منظورنائچ، خالد لاکو علي گوهر ڳنبول ۽ ٻين چيو ته ميرپورخاص انتظاميا سنڌ حڪومت جي چرچ تي مرڪزي اڳواڻ حيدر ملاح ،هوت خان گاڏاهي کي بنا جواز گرفتار ڪيو آهي هنن چيو ته سنڌ جي بقاء لاءِ ايس ٽي پي هميشا اڳڀري رهي آهي سنڌس آواز بند ڪرڻ لاءِ انتظاميا اهڙيون ڪريل حرڪتون ڪري رهي آهن هنن مطالبو ڪيو ته اڳواڻن کي جلد آزاد نه ڪيو ويو ته سموري سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪندا سين

اسڪول هڪ قديمي تعليمي ادارو آهي، جنهن جي زمين تي هڪ بااثر ڌر پاران مبينه طور پنهنجي ملڪيت هجڻ جي دعويٰ ڪندي رات جي وقت دروازو لڳائي پٽ تعمير ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته اسڪول جي زمين بابت پيدا ٿيل تڪرار سبب شاگردياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت جوڳو ناهي. هنن مطالبو ڪيو ته اسڪول جي زمين جي قانوني حيثيت واضح ڪري، مبينا قبضي بابت شفاف جاچ ڪرائي غيرقانوني قبضو فوري طور ختم ڪرايو وڃي. احتجاج ڪندڙن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، تعليم واري وزير چوٽديل نمائندن ۽ لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شاگردياڻين جي تعليم کي درپيش رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن.هنن چتاءُ ڏنو ته مطالبن تي عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

ڪورس جي تياري ۽ علمي سهڪار جي خاطري پڻ ڪرائي وئي آهي. هن چيو ته سنڌي شعبن جي قيام سان يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جي تعداد ۾ پڻ اضافو ٿيندو

بقايا 37 "روزاني عبرت"

نعتخوانن نعتن جو نذرانو پيش ڪيو. رپورٽ موجب، سوڀوديرو جي ڳوٺ بلاول ڪلهوڙو ۾ ساليانو جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان ۽ روح پرور جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي سميت مختلف هنڌن تان وڏي انگ ۾ عاشقان رسول ﷺ شرڪت ڪئي. جلسي ۾ خصوصي خطاب ناميارا عالم دين حضرت علامه مولانا ڊاڪٽر مفتي حق النبي سڪندري ڪيو جلسي دوران ناليوارا نعت خوان عنايت الله قادري سميت مقامي نعت خوانن حضور پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي شان اقدس ۾ نعتون پيش ...

ميرپورخاص ۾ سوبيرا لغاري ۽ فيضان غوري جي مارجڻ واري ماهري، 48 ڄڻن تي ڪيس داخل

پوليس تي حملي، جوابدار ڇڏائڻ ۽ لاش ساڙڻ لاءِ اڪسائڻ 18 سڃاتل ۽ 30 اڻڄاتل ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ايف آءِ آر ۾ پوليس تي فائرنگ، اهلڪارن سان مزاحمت ۽ سرڪاري ڊيوٽي ۾ رڪاوٽ وجهڻ جا الزام

گرفتار 11 ڄڻن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، عدالت 23 آگسٽ تائين عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس ٽي پي اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لوڊشيڊنگ سبب شهري پريشان

چاچ نواز علي (ن ع) چاچ صادق علي ڳوٺ اسٽيشن سان لاڳاپيل علائقن ۾ 16 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ غيراعلانيه لوڊشيڊنگ شهرين جي زندگي مفلوج ڪري ڇڏي آهي سخت گرمي جي موسم ۾ بجلي جي ڊگهي بندش سبب شهري سخت اذيت ۾ مبتلا آهن جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون پڻ بري طرح متاثر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جو چيئرمين ڪرشن شرما اقليتن جي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

بدين ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جو ڪنوينشن وسيلن ۽ تعليم تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

سنڌ جا وسيلا زميني ڪمڻ جي سازش ٿي رهي آهي، هڪ صوبي جي بالادستي ملڪي ٻڪجهتي لاءِ نقصانڪار آهي: اڳواڻ

تعليمي ادارن جي تباهي ۽ منشيات جي رجحان وڌائڻ ذريعي سنڌ جي نوجوان نسل کي تباهه ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

سنڌي شاگرد تحريڪ بدين جي نئين باڊي جو اعلان، گلزار نوحاڻي صدر ۽ غفور نوحاڻي جنرل سيڪريٽري مقرر

بدين (د ر) سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جو ساليانو ڪنوينشن ۽ تعليمي ڪانفرنس لال حويلي هال بدين ۾ منعقد ٿي جنهن کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي رابطا سيڪريٽري لال جروان مهراڻ درس، ايس ايس ٽي ضلع بدين جي نئين چونڊيل صدر گلزار نوحاڻي، هميرومل، پروفيسر ممتاز سومرو، ايڊووڪيٽ ڪامران لاکي مختيار بڪاري، جاڪرو نوحاڻي، دلدار نوحاڻي ۽ ٻين خطاب ڪيو. اڳواڻن چيو ته پنجاب جو حڪمران طبقو ۽ سنڌ جو حڪمران طبقو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گمبٽ تعلقي اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽرياڻي جي مبينا غفلت سبب عورت روڊ تي ٻار کي جنم ڏنو

شهر واسي نرمه زال ويرو مل کي ويم لاءِ وارث ڪٺائي اسپتال پهتا ته مبينا طور ڊاڪٽرياڻي کين ٻاهر ڪڍي ڇڏيو

عورت ڪاليج روڊ تي سور پوڻ شروع ٿيا ته راهه ويندڙن پردا ڏنا ۽ عورت ٻار کي روڊ تي جنم ڏنو

واقعي سبب علائقي واسين ۾ سخت افسوس ۽ ڪاوڙ جي لهر، رهواسين پاران اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گمبٽ تعلقه اسپتال ۾ مبينا طور ليڊي ڊاڪٽرن جي غفلت جو افسوسناڪ واقعو سامهون آيو آهي جتي هڪ غريب حامله عورت شهر واسي نرمه زال ويرو مل ويم لاءِ اسپتال پهتي پر وارثن موجب عورت جو مناسب

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ خانپور واسين جو جمالدين ملڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ سجاول ملڪ واسين عورتن ۽ مردن ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس آڏو احتجاج ڪيو

ڏيڍ مهينو گذرڻ باوجود قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا، ڌمڪيون ملي رهيون آهن انصاف ڪيو وڃي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو خانپور مهر ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ سجاول ملڪ ۾ ڏيڍ مهينو اڳ پراڻي دشمني تان قتل ٿي ويل جمالدين ملڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌس وارث عورتن مردن پاران ميرپورماٿيلو پهچي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين صاحب ڏنو ملڪ الهوسايو مسمات سهاڳڻ ملڪ ۽ ٻين چيو ته اسان جي ئي تراڌري جي جوابدار نهال

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ٻاثرن جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ جي ٻاثر ماڻهن منور، دودو، نگر ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

ٻاثر ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ٻچل خاصخيلي جا رهواسي ٻاثرن جي زيادتين خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويا ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺاڻن عمران خاصخيلي، ذوالفقار خاصخيلي، واحد حسين خاصخيلي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته ڳوٺ جي ٻاثر ماڻهن منور، دودو، نگر ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان تنها آبادگار آهيون لڪين روپيا فصل تي خرچ ڪريون ٿا مذڪوره ماڻهن چوپايو مال وٺي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ فل برائٽ اسڪالرشپ بيهر بحال ڪرڻ بابت ڊاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتاري خلاف بدين ۾ احتجاج

هوت خان گاڏهي، چاچ شوڪت ۽ پرويز نوحاڻي سميت 60 ڪارڪنن جي گرفتاري خلاف مظاهرو

افغان پناهگيرن کي نيڪالي ڏيڻ بدران اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي:اڳواڻ

بدين (د ر) ايس ٽي پي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري هوت خان گاڏهي مرڪزي اڳواڻن قادرڏنا حيدر ملاح خدابخش چاچ شوڪت ابڙو ضلعي ميرپور خاص جي صدر پرويز نوحاڻي ۽ ٻين 60 ورڪرن جي گرفتاري خلا ايس ٽي پي ضلعي بدين جي صدر شاهنواز سيال غلام قادر مرادائي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ويجهو نوجوان روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

هنگورجا واسي رضوان سولنگي روهڙي ڪئنال ٻل وٽان ٽپو ڏنو

اطلاع تي وارثن پهچي انتظاميا کان رابطو ڪري لاش ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ۾ روهڙي ڪئنال ٻل وٽان نوجوان مبينا طور روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو، روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏيندڙ نوجوان هنگورجا جو رهواسي پي پي ايڇ آءِ اسپتال جو ملازم رضوان سولنگي ٻڌايو پيو وڃي، نوجوان رضوان سولنگي جا وارث واقعي واري هنڌ پهچي ويا، مبينا طور روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏيندڙ نوجوان رضوان سولنگي جي وارثن ٻڌايو آهي ته

نوجوان رضوان سولنگي جي چپل ٻل وٽ پيل ملي آهي وارثن موجب ڏاتارن پاران ملندڙ شاهدين سان تصديق ٿي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ 4 مهينن کان گئس سپلاءِ بند هجڻ خلاف رهواسين ٻئي ڏينهن به احتجاج جاري

ايس يو پي جي سڏ تي بک هڙتالي ڪئمپ ۾ شهرين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن، دوڪاندار يڪجهتي لاءِ پهتا

4 مهينن کان مين گٽر نالي جي مرمت دوران لائينون ٽوڙيون وييون پر گئس انتظاميا مرمت نه ڪئي آهي: مظاهرين

گئس انتظاميا پاران گئس بند هجڻ باوجود ماهوار هزارين روپيا ناجائز طور ڀرا بل ڏنا پيا وڃن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ۾ 4 مهينن کان گئس سپلاءِ بند هجڻ خلاف سيوهڻ واسين پاران ٻئي ڏينهن به احتجاج جاري، ايس يو پي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: گيس جي بندش خلاف شهري بک هڙتال ڪري رهيا آهن

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه جهمٽ چيلانند کي فخر اقليت ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

گمبٽ ويجهو صوفي فنڪار فقير الهرکيو کوکر کان هٿياربندن جي ڦرلٽ، احتجاج

واقعي خلاف فنڪارن اياز کوکر، اختيار، ستار، فريد خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فقير الهرکيو کان ڦريل موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي: مظاهرين

گمبٽ (ت ر) سنڌي ميڊيا جي مشهور صوفي فنڪار فقير الهرکيو کوکر کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل 2 موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر فنڪارن جو انصاف لاءِ احتجاجي مظاهروسچل سرمست جي ويراڳي راڳي صوفي فنڪار کان ڦر ٿيڻ خلاف فنڪارن صوفي فقير الهرکيو کوکر اياز علي کوکر اختيار کوکر ستار کوکر فريد خاصخيلي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو چورين ڦرن روز جو معمول بڻجي ويا آهن، ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائل فونن ۽ روڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ مان موٽرسائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدار سوگهو مارڪيٽ بعد پوليس حوالي

گمس اسپتال ٻاهران موٽرسائيڪل ڦريندڙ شهرين جوابدار کي سوگهو ڪري ورتو

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدار کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ گمس اسپتال ٻاهران موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش مبينا ڦورو شهرين جي هٿ چڙهي ويو شهرين پاران ڦورو کي ڪنڪو گمس اسپتال ٻاهران موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪندڙ مبينا ڦورو شهرين جي هٿ چڙهي ويو شهرين مبينا ڦورو کي پڪڙي ورتو ۽ ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو جنهن بعد اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مبينا ڦورو کي شهرين کان پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوليس مبينا ڦورو کي وڌيڪ جاچ لاءِ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سرگودا: هڪ نينگر پنهنجي سائڪل تي قومي جهنڊو لڳائي اسڪول ڏانهن وڃي رهيو آهي

ڳڙهي ياسين واقعي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: منظور احمد ڪاڪڙ

غا رفيق دراني جي گهر تي فائرنگ جو واقعو انتهائي ڳڻتي جوڳو ۽ افسوسناڪ آهي

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) آل ڪاڪڙ قبائل فيڊريشن جي صدر بلوچستان يونٽ فرنٽ جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊي واسين جو ٻاثرن ۽ پوليس خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ٽنڊي جي ڳوٺ حاجي حمزو شورو جي رهواسي نور محمد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پنوعاقل واسي جو پيرسن امڙ سان گڏجي ريٽائر خور جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) پنوعاقل دادلوءِ جي ڳوٺ پير بخش ملڪ جي رهواسي محمد رفيق ملڪ پنهنجي والده الله جوائي سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ڪجهه مهينا اڳ هن علائقي جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مورو شهر ۾ هڪ سال اڳ قتل ڪيل ڀاءُ ڀيڻ جي قتل جو جرڳو، 3 ڪروڙ 86 لک رپيا ڏنڊ مقرر

جرڳو حاجي علي حسن زرداري هائوس ۾ رئيس ذاڪر حسين زرداري، رئيس عاشق حسين زرداري جي سربراهي هيٺ ٿي گذريو

ڳالهيون ٻڌڻ بعد ٻئي برادري جي ڌر مٺان وحيد سابقي سنڌس ڀيڻ ساجده بلوچ جو خون ثابت ٿيو

ڏوهي ڌري تي 3 ڪروڙ 86 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو، 86 لک رپيا ڏنڊ معاف ڪيا ويا، ڌريون کير ڪنڊ

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو شهر ۾ هڪ سال اڳ قتل ڪيل ڀاءُ ڀيڻ جي قتل جو جرڳو حاجي علي حسن زرداري هائوس ۾ رئيس ذاڪر حسين زرداري، رئيس عاشق حسين زرداري جي سربراهي هيٺ ٿي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو پرسان ڊي ڊي ايم ٽرين جي هڪ بوگي پٽڙي تان لهي وئي، ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ٽريڪ بند

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ڪراچي کان لاهور ويندڙ ڊي ڊي ايم ٽرين جي هڪ بوگي ميرپور ماٿيلو پرسان پٽڙي تان لهي وئي جنهن سبب ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ٽريڪ تي گاڏين جي اچ وڃ معطل رهي ان سلسلي ۾ ريلوي اختيارين موجب ڊي ڊي ايم ٽرين جون ناڪاره بوگيون مرمت لاءِ لاهور منتقل ڪيون پئي ويون ته ميرپور

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ريلوي اسٽيشن جي زبون حال پل جي مرمت شروع، شهرين ۽ مسافرن ۾ خوشي جي لهر

ٺري ميرواهه (ن ع) 10 ڏينهن اڳ سيٺارجا جي سينئر صحافي ۽ پريس ڪلب جي باني اڳوڻي ڪائونسلر گلاب علي سهتو ڊي ايس ريلوي سکر سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪري سيٺارجا ريلوي اسٽيشن جي مختلف مسئلن متعلق تفصيلي آگاهي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مٺياري ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي انتظامن بابت اجلاس

مٺياري(د ر): عيد ميلاد النبي ﷺ جي انتظامن بابت اجلاس ڊپٽي ڪمشنر محمد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو هٿياربند نوجوان کي گوليون هڻي روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

قلندري هوٽل پرسان ٽن موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن صدام ناريجو کي يرغمال بڻايو

مزاحمت تي هٿياربندن کيس گوليون هڻي زخمي ڪري ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا

گمبٽ(ن ع) گمبٽ قومي شاهراهه روڊ تي قلندري هوٽل پرسان ٽي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن صدام ناريجو کي روڪي مٿان سڌيون گوليون هلائي 50 هزار روڪ رقم ۽ هڪ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا.

بدين: رٽائرڊ سيشن جج سليم رضا بلوچ سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر سي بي اي پاران مطالبن جي منظوري لاءِ تالا بندي ڪري ڪم ڇڏ هڙتال

مظاهرين عبدالمجيد جسڪاڻي، طارق حسين سولنگي، مظفر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

12 نقطن تي ٻڌل چارٽر آف ڊيمانڊ جلد منظور ڪري ملازمن مان بوجهه ختم ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) ضلع ڪائونسل ايمپلائز ليبر يونين (سي بي اي) سکر جي سڏ تي ملازمن جي وڏي انگ مطالبا منظور نه ٿيڻ خلاف مرحليوار احتجاجي تحريڪ جي اعلان ڪان پوءِ آفيس جي تالا بندي ڪري ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي ملازمن پنهنجي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مٽياري: گورنمنٽ گرلس ڊگري ڪاليج ۾ ٻرچم خوشائي بعد دعا گهري پئي وڃي

سکر سنڌ انفارميشن ڪميشن وفد پاران اروڙ يونيورسٽي جو دورو، وي سي پاران بريفنگ ڏني وئي

يونيورسٽي ۾ جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ مختلف تعليمي پروگرام متعارف ڪرايا ويا آهن

وفد ڪمشنر- IIانور محمد ڏايو ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار علي شيخ يونيورسٽي جو تفصيلي دورو ڪيو

وي سي ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙ يونيورسٽي جي مختلف تعليمي پروگرامن، تحقيقي سرگرمين ۽ اهم ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني

وفد شاگردن سان ملاقات ڪري مستقبل جي مقصدن، تعليمي منصوبن ۽ پيشوراڻي ارادن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ انفارميشن ڪميشن (SIC)جي ڪمشنر- Iمحمد سليم خان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ وفد اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر ڊيزائن اينڊ هيريٽيج سکر جو دورو ڪيو وفد ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن، پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي ٻئي ڏينهن مختلف سائيٽن جو دورو ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي ٻئي ڏينهن مختلف MMPسائيٽن جو دورو ڪيو هن يو سي علي واهڻ ملٽري محلي روهڙي مين روڊ تي قائم MMPسائيٽ ۽ مال پاري پرسان قائم سائيٽ جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڊي ايڇ او سکر ڊاڪٽر علي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو مرڪزي اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

ميرپورماٿيلو(ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان ميرپورخاص ۾ مرڪزي اڳواڻ جي گرفتاري خلاف ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب اڳيان آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ٽي پي ضلع گهوٽڪي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رح مشڪل دور ۾ اسلام جي شمع کي روشن ڪيو: مفتي محمد جان نعيمي

ڀان سيد آباد (ن ع) ڀان سيد آباد جي بلاول شادي هال ۾ درگاهه ويهڙ شريف جي گادي نشين حضرت آغا فقير محمد جان نقشبندي جي سربراهي ۾ حضرت امام حسن المجتبيٰ عليہ السلام ۽ حضرت امام رباني" ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، هن روح پرور ڪانفرنس کي مرڪزي جماعت

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

قلعجي اسٽيشن پرسان نوجوان پرويز ملڪ جي قتل ڪيس ۾ 2 مک جوابدار گرفتار

عابد ملڪ ۽ سجاد ملڪ کي ڳوٺ سعيد الله ملڪ مان گرفتار ڪيو، قتل جو اعتراف

ذاتي دشمني تان پرويز کي ڪمند جي فصل ۾ ڇرين جا وار ڪري قتل ڪيوسين: جوابدار

جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري، وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: ايس ايڇ او

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو ٻارن سان گڏجي مڙس جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

هالا واسي جو ٻارن سان گڏجي ملڪيت جي تڪرار تان احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گلگت: طوفاني برساتن بعد گهر ڊهي وڃڻ سبب متاثر تنبن ۾ رهيل آهن

سکر ۾ خيرپور واسي ڪانڌڙا برادري جو ٻاثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، نوجوان کي اغوا جا الزام

ڳوٺ ڪانڌڙو جي رهواسين حبيب الله، محمد ابراهيم ، عبدالرحمان ڪانڌڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻاثرن ڳوٺ تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي، نتيجي ۾ عارف زخمي ٿي پيو، هٿياربند واجد کي کنيي ڪئي ويا

انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ قانون جو در کڙڪايو پر پوليس جوابدارن خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي، نوٽيس ورتو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) تعلقي ڪوٽڏيجي، ضلعي خيرپور جي ڳوٺ ڪانڌڙو جي رهواسين حبيب الله ڪانڌڙو، محمد ابراهيم ڪانڌڙو، عبدالرحمان ڪانڌڙو ۽ غلام محمد ڪانڌڙو سکر پريس ڪلب آڏو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ڪنڊيارو ٽائون ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف چوٿين ڏينهن به احتجاج جاري

نوشهروفيروز(د ر)نوشهروفيروز ۾ ٽائون ڪميٽي ڪنڊيارو جي ملازمن پاران ڪن مهينن جون پگهارون نه ملڻ ۽ ٽائون ڪميٽي جي ٽائون آفيسر جي ظلمن خلاف چوٿين ڏينهن به پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي شاهد شيخ، فائزا شيخ، غمگين سيال ڪري رهيا هئا جن نعريبازي به

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي مائي مريم گرلز هاءِ اسڪول تي قبضي خلاف استاد، شاگرد رستن تي نڪري آيا

لاڳاپيل اسڪول سميت تعلقي جي ٻين اسڪولن جي استادن، شاگردن ۽ شاگردياڻين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

اسڪول جي زمين جي قانوني حيثيت واضح ڪري شفاف جاچ ڪرائي قبضو ختم ڪرايو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) گورنمنٽ مائي مريم گرلز هاءِ اسڪول جي ملڪيت تي مبينه قبضي خلاف لاڳاپيل اسڪول سميت تعلقي جي ٻين اسڪولن جي استادن، شاگرد ۽ شاگردياڻين پاران ڳسٽا سنڌ جي نائب صدر فضل الله عمراڻي، پ ٽ الف اڳواڻ لڪاڏنو خاصخيلي، علي محمد ڀاٽوڻ، فريده اختر لبني وقار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي ٽنڊوآدم پريس ڪلب پهتي، جتي شرڪت ڪندڙن نعريبازي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن اصغر پرٽ، اسد چانڊيو، عبدالحميد پنهور، اقبال راڄپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مرڪزي اڳواڻ فورن آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

نوشهرو فيروز(د ر)سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ جي گرفتاري خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلع نوشهرو فيروز پاران پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اصغر پرٽ، اسد چانڊيو، عبدالحميد پنهور، اقبال راڄپر، تعلقي اڳواڻ عاقب چانڊيو، ذڪريا ڌامراهه ۽ ٻين چيو ته سنڌ هزارين سالن کان هڪ تاريخي وطن جي حيثيت رکي آهي سنڌ ئي پاڪستان جي قيام لاءِ پهرئين قرار داد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ملتان: ڪراٽي جي مقابلي ۾ شاگردياڻيون فائيٽ ڪري رهيون آهن

خيرپور بار پاران سنڌ جي ورهاڱي بابت ڏنل بيان خلاف احتجاجي مظاهرو

وڪيلن الطاف مري، جمن سهتو، شعيب نياز خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڏمبوار ذريعن تڪراري بيانن کان پاسو ڪن، جيڪي سنڌ جي عوام جي جذبن کي مجروح ڪن: مظاهرين

خيرپور(د ر)سنڌ جي ورهاڱي بابت ڏنل بيان خلاف خيرپور بار جي وڪيل برادري پاران ڊسٽرڪٽ بار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي خيرپور بار جو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ الطاف مري، سينيئر قانوندان اڳوڻو جنرل سيڪريٽري محمد جمن سهتو، ايڊووڪيٽ شعيب نياز خاصخيلي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ وحدت رکندڙ ڌرتي آهي جنهن جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي وڪيل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ڳوٺ چنن مهر ۾ جهيڙي دوران قتل ٿيل نينگر جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

خانپورمهر (ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ چنن مهر ۾ ميراڻي ۽ گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران قتل ٿيل نينگر عبدالرحيم گڏاڻي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ سردار علي گوهر خان مهر ڳوٺ چنن مهر پهچي مقتول نينگر عبدالرحيم گڏاڻي جي وارثن استاد ممتاز علي گڏاڻي گل حسن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: ڳوٺ بلاول ڪلهوڙو ۾ جلسي کي مفتي حق النبي سڪندري خطاب ڪري رهيو آهي

خانپورمهر ڳوٺ چنن مهر ۾ جهيڙي دوران قتل ٿيل نينگر جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

خانپورمهر (ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ چنن مهر ۾ ميراڻي ۽ گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران قتل ٿيل نينگر عبدالرحيم گڏاڻي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي ۾ ڪيميڪل وارو ڪير ۽ مدي خارج ملاوٽي شين جو وڪرو جاري

ڀٽارو اسٽيشن، خانپور جوڻيجو ۽ ٻين علائقن ۾ ڪيميڪل ڪير جي وڪري خلاف احتجاج

ڪيميڪل ڪير ۽ مدي خارج شين خلاف سخت ڪارروائي ڪري مافيا کي گرفتار ڪيو وڃي:مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۽ اس پاس جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل ڪير مدي خارج ۽ ملاوٽي شين جو وڪرو بند نه ٿيو فوڊ اٿارٽي اکيون بند ڪيو. ڪارروائي ڪرڻ کان لاچار شهرين احتجاج مظاهرو ڪري سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ان موقعي تي فقير عبدالنبي ساريو ممتاز علي، برڪت علي جويو محمد رمضان ٻبر عبدالرزاق، احسان مري، اياز حسين، نديم ملاح، نثار احمد ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: پٽڙي تان لهي ويل ٽرين جي بوگي حادثي واري هنڌ تي بيٺل آهي

سجاول ۾ پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي حوالي سان ميڊيا ايڊووڪيسي سيشن

اي ڊي سي شاهد نظير لنڊ جي صدارت هيٺ سيشن، سماجي اڳواڻن ۽ آفيسرن جي شرڪت

صحيح ۽ بروقت معلومات سان والدين جا خدشا ختم ڪري آگاهي وڌائي سگهجي ٿي: شاهد نظير لنڊ

سجاول (د ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون سجاول شاهد نظير لنڊ جي صدارت هيٺ اينڊ پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي سلسلي ۾ ميڊيا ايڊووڪيسي سيشن منعقد ڪيو ويو سيشن ۾ ميڊيا نمائندن سماجي اڳواڻن صحت کاتي ۽ لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پوليو بوسٽر ڊوز مهم بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ والدين ۽ ٻارن جي سار سنڀال ڪندڙن کي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ لاءِ ترغيب ڏيڻ ۽ مهم جي مؤثر تشهير لاءِ ميڊيا جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ايس ايل اي پاران سنڌ جي يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا شعبا قائم ڪرڻ لاءِ وائيس چانسلرن کي خط

صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه، سنڌ مدرسه يونيورسٽي، بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي کي خط لکيا ويا

جنرل يونيورسٽين ۾ سنڌي شاگردن جي اڪثريت آهي سنڌي ٻولي ۽ ادب جو شعبو قائم ڪرڻ لازمي آهي: ڊاڪٽر شير مهراڻي

سنڌي شعبن جي قيام سان نوجوانن ۾ ٻولي ۽ ادب جي تحقيق جو لاڙو وڌندو يونيورسٽين ۾ داخلا به وڌڻ جو امڪان آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا شعبا قائم نه هئڻ تي سفارشي خط جاري ڪيا ويا. ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرمين

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا: مرحوم پرويز احمد ڪبر جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سوڀوديرو لڳ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جو جلسو، عالمن ۽ نعت خوانن پاران حضور اڪرم ﷺ جي سيرت ۽ محبت تي خطاب ڪيو

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو جي ڳوٺ بلاول ڪلهوڙو ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جو روح پرور جلسو عالمن ۽ نعت خوانن پاران حضور اڪرم ﷺ جي سيرت ۽ محبت تي خطاب ڪيو ناليواري نعت خوان عنايت الله قادري سميت مقامي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.